ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
Regd: NO-2430-13
سال (94) سومر 06 اپريل 2026 ع 17 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شماره (231)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران جيڪڏهن هرمز رستو نه کوليو ته تيل جا ذخيرا ۽ پلون تباهه ڪنداسين: ٽرمپ پاران سوشل ميڊيا تي گٿا لفظ لکيا ويا

ايراني قوم کي سمجهڻ گهرجي ته اسان کين تباهه ڪرڻ جي طاقت رکون ٿا، جيڪڏهن گس نه کليو ته سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيندس: آمريڪي صدر

آمريڪي پائيليٽ جيڪو هڪ ڪرنل آهي، کي نهايت خطرناڪ آپريشن ذريعي ريسڪيو ڪيو ويو ۽ ان دوران ايراني فوج وڏي انگ ۾ سندس ڳولا ۾ هئي

اهڙي قسم جون ڪارروائيون خطرن سبب گهٽ ئي ڪيون وينديون آهن، ڇو ته ان ۾ جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو هوندو آهي

آمريڪي فورسز ايران اندر اٽڪل ست ڪلاڪن تائين آپريشن جاري رکيو، هڪ پائيليٽ کي زخمي حالت ۾ بازياب ڪرايو ويو آهي

ڪيرايل آمريڪي جهاز جي پائلٽ کي بچائڻ وارو آپريشن ايراني هٿياربند فوج جي وقتائتي موجودگي سبب ناڪامي جو شڪار ٿيو: ايراني اختياريون

واشنگٽن/تهران/تل ابيب(ڊ) ايران آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي، ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايراني علائقي مان زخمي آمريڪي پائلٽ کي ڪاميابي سان ريسڪيو ڪيو ويو، ايراني اختيارين ان دعويٰ کي رد ڪندي آمريڪي آپريشن کي ناڪام قرار ڏئي ڇڏيو آهي، علائقي ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پير پاڳاري جي حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات، سياسي تعاون تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ۽ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي سربراهه حرن جي روحاني پيشوا پير بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پائيليٽ جي ڳولها واري آپريشن ۾ 2 آمريڪي هيليڪاپٽر ۽ هڪ وڏو جهاز تباهه ٿيڻ جي تصديق

ايراني شهر اصفهان جي ڏکڻ ۾ سي 130 ڪارگو جهاز پڻ تباهه ٿيو

آمريڪي فوج ڄاڻي واڻي ٻنهي هيليڪاپٽرن ۽ ٽرانسپورٽ جهاز کي تباهه ڪيو

ايراني فوج جي مزاحمت سبب آمريڪي فوج کي هيليڪاپٽرن ۽ جهازن جي قرباني ڏيڻي پئي: عرب ميڊيا

واشنگٽن(ڊ) آمريڪي ميڊيا موجب آمريڪي پائلٽ جي ڳولا دوران 2 بليڪ هاڪ جنگي هيليڪاپٽر تباهه ٿيا، جڏهن ته ايراني شهر اصفهان جي ڏکڻ ۾ C-130 ڪارگو جهاز پڻ تباهه ٿيو، آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي ته آمريڪي فوج ڄاڻي واڻي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

تهران: آمريڪي پائيليٽ جي ڳولها ۾ آيل هيليڪاپٽرن جو ملبو پيل آهي

بال ٽيمپرنگ معاملي تي فخر زمان جو عدالت وڃڻ جو فيصلو، لاهور قلندرز جي مالڪ جو به ردعمل اچي ويو

ڪراچي(ڊ) پاڪستان سپر ليگ (پي ايس بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي پرڏيهي وزير سان روس، چين ۽ جاپان جي هم منصب جو رابطو، علائقائي صورتحال جو جائزو

رياض(اي پي پي)سعودي عرب جي پرڏيهي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڏکين گهڙين ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين، وڌيڪ رليف ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪريون پيا: شهباز شريف

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شين تي سبسڊي لاڳو ٿيڻ تي اڳڀرائي جو جائزه اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ وفاقي وزيرن ۽ لاڳاپيل اختياريون شريڪ، انٽيليجنس بيورو حڪومتي ڪفايت شعاري ۽ سادگي وارن قدمن کي لاڳو ڪرڻ واري رپورٽ پيش ڪئي

مني بس ۽ ويگنن کي 40 هزار روپيه ماهوار، مال بردار گاڏين کي 80 هزار ۽ ڊيليوري وينن کي 35 هزار روپيه سبسڊي ڏني پئي وڃي: وزيراعظم

عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو روڪڻ جي لاءِ ٽرڪن کي 70 هزار روپيه ماهوار سبسڊي ڏني پئي وڃي

نظام ۾ شفافيت لاءِ اها رقم ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي فراهم ڪئي پئي وڃي، بلوچستان حڪومت قومي پيڪيج جي طئي ٿيل رقم جمع ڪرائي ڇڏي آهي

اسلام آباد(ڊ)وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ تيل جا مناسب ذخيرا موجود آهن، حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي، وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شين تي سبسڊي لاڳو ٿيڻ تي اڳڀرائي جو جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ لاڳاپيل اختياريون شريڪ ٿيون انٽيليجنس بيورو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزير اعظم جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ايراني تيل جي ذخيرن تي اسرائيلي حملا، 5 ڄڻا شهيد، 170 زخمي

ايران جي پيٽروڪيميڪل ٿاڪن تي حملي ۾ 5 ڄڻا شهيد ۽ 170 زخمي ٿي پيا

آمريڪا ايران جو شاهڪار اسپورٽس اسٽيڊيم به تباهه ڪري ڇڏيو

هن اسٽيڊيم ۾ تاريخي ميچ ٿيندا هئا، پر هاڻي هتي هر پاسي تباهي پکڙيل آهي

تهران(ڊ) آمريڪي ۽ اسرائيلي فوج جا ايران تي حملا جاري آهن، ايران جي پيٽروڪيميڪل ٿاڪن تي حملي ۾ 5 ڄڻا شهيد جڏهن ته 170 زخمي ٿي پيا آهن، آمريڪا ايران جو شاهڪار اسپورٽس اسٽيڊيم به تباهه ڪري ڇڏيو هن اسٽيڊيم ۾ تاريخي ميچ ٿيندا هئا، پر هاڻي هتي هر پاسي تباهي پکڙيل آهي

بو شهر ايٽمي پاور پلانٽ تي حملا حملو ڪندڙن جي ساک تي ڪارو داغ آهن: روس

ماسڪو(اي پي پي) روس چيو آهي ته بو شهر ايٽمي پاور پلانٽ تي حملا حملو ڪندڙن جي ساک تي ڪارو داغ آهن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وڏوراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه جو شهر ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جو اچانڪ دورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه جو شهر ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي اچانڪ دورو

نار واري جنگ جا اثر خطي تي پوندا، پاڪستان کي پڻ گهڻو پوڳڻو پوندو: خواجه آصف

ايران-اسرائيل جنگ جي اثرات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ٽريلين رپيا گهربل هوندا

گذريل سال ٻوڏ جي پاڻي تباهي مچائي هئي، اسان شهر جا مسئلا حل ڪري رهيا آهيون

شهر کي ٻوڏ جي پاڻي کان بچائڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن، حدخليون هٽائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

اسلام آباد(ڊ)ڊاڄاءِ واري وزير خواجه آصف چيو ته جيڪڏهن پارت پهڪار جهڙو فلس فليگ آپريشن ڪيو ته هن پيري اسان لهن کي ڪلڪتي وٺي ويندا سين سيالڪوٽ ۾ ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: بجاءِ واري وفاقي وزير خواجه آصف کي سندس اباڻي شهر جي ترقياتي ڪمن بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي

ٽرمپ دنيا ۾ ٻارڻ ٻاري ڏيندو، ان کان اڳ امن امان لاءِ ڪجهه ڪيو وڃي، عالمي ايجنسي جو سربراهه

مهرباني ڪري، خليج ملڪن جي حڪومتن کي جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿو اهو ڪرڻ گهرجي

گڏيل قومن، سيڪيورٽي ڪائونسل، اينٽونيو گوٽريس، يورپي ڪائونسل، فرانس، چين ۽ روس ڪردار ادا ڪن

ڇا آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي جنون کي روڪڻ جي لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهجي؟

اسلام آباد(ڊ)بين الاقوامي ايٽمي توانائي ايجنسي جي اڳوڻي سربراهه محمد البرادعي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي 48 ڪلاڪن جي ڊيڊ لائن تي سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي ۽ عالمي برادري کي فوري بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ تيل جي پلانٽ تي حملو، علائقي ۾ باهه جا شعلا

سعودي سرحد ويجهو پيٽروڪيميڪل پلانٽ تي حملو ڪيو ويو

حملي کانپوءِ بروج پيٽروڪيميڪل پلانٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي باهه لڳي وئي

پيٽروڪيميڪل پلانٽ ۾ باهه ميزائل جي ملبو ڪرڻ سبب لڳي

بروج پلانٽ جون هڙئي سرگرميون معطل ڪيون ويون آهن

ڪراچي(ڊ) سعودي سرحد ويجهو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي ڊرون فيڪٽري ايراني ميزائيل حملي ۾ مڪمل تباهه ٿي وئي

اسرائيلي علائقي بيٿتيڪفا ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ايراني ميزائل سڌو اچي ٽڪرايو هو

جنهن جي نتيجي ۾ اسرائيلي فوج جي ڊرون فيڪٽري مڪمل طور تباهه ٿي وئي

تهران/تل ابيب(ڊ) ايراني ميزائل حملي ۾ اسرائيل جي مرڪزي علائقي ۾ قائم ڊرون فيڪٽري مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جو مهانگائي خلاف احتجاج، پوليس شيلنگ، 30 کان وڌيڪ گرفتار

پي ٽي آءِ جو وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو ويو

پوليس سمورا رستا ڪنٽينر لڳائي بند ڪيا ويا، روڪڻ لاءِ شيلنگ ۽ لاٺي چارج 5 عورتن سميت 30 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن گرفتار

پرامن احتجاج کي طاقت سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ڪراچي ۾ ڪرفيو جهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو آهي: حليم عادل شيخ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) مهانگائي خلاف پي ٽي آءِ جو احتجاج، پوليس شيلنگ ۽ گرفتاريون، علائقو سيل وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پوليس اهلڪار احتجاج ڪندڙ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري رهيا آهن

بنگلاديش ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ بهتري ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي:اسدالله پٽو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي سينيٽر اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

گورنر هائوس ۾ عيسائي برادري لاءِ شاندار ايسٽر تقريب منعقد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي جي زير اهتمام گورنر بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

چين ۽ ڪئناڊا پاران اقتصادي ۽ مالياتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

بيجنگ (اي پي پي) چين ۽ ڪئناڊا اقتصادي ۽ مالياتي سهڪار وڌائڻ تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ دوائن جي آمدني واپار تي 100 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جو اعلان

اهو فيصلو قومي سلامتي جي تحفظ کي نظر ۾ ڪيو ويو: صدارتي حڪمنامو

آمدني واپار اهڙي مقدار ۽ حالتن ۾ ٿي رهيو آهي

جيڪو آمريڪا جي سلامتي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو

اهو ٽيرف 31 جولاءِ 2026ع کان لاڳو ٿيندو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اڪثر پيٽنٽ ٿيل دوائن ۽ لاڳاپيل فارماسيوٽيڪل جزن جي آمدني واپار تي 100 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مودي ملڪ ۾ مسلمانن خلاف نفرت پيدا ڪري رهيو آهي: ڪانگريسي اڳواڻ

ماضيءَ جي پارٽ ۾ انٽرٽينمينٽ ذريعي به محبت ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏني ويندي هئي: ششي ٿرور

امر اڪبر انٿوني جهڙين فلمن تي ٽيڪس ۾ رعايت ڏني ويندي هئي

جيئن ٽڪيٽن جون قيمتون گهٽ رهن ۽ ماڻهو شوق سان اهڙيون فلمون ڏسن

هاڻي دور تبديل ٿي چڪو آهي ۽ اهڙين فلمن کي ٽيڪس رعايت ڏني پئي وڃي

نئين دهلي(ڊ) سينيئر پارٽي سياستدان ششي ٿرور مودي سرڪار جي مسلم مخالف بيانئي تي چتي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي هڪ ۾ ششي ٿرور باڻي ورڊ فلم امر اڪبر انٿوني جو حوالو ڏيندي نئين ۽ پراڻي پارٽ جي ڀيٽ ڪئي ۽ چيو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

امڪاني برساتن لاءِ لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي:شرحيل ميمڻ

سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، جاڪوبي، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ برسات ۽ ڳڙي جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي

ممڪن موسمي حالتن کي نظر ۾ رکندي، شهري علائقن ۾ نيڪال جا موثر انتظام يقيني بڻائي رهيا آهن

هيٺاهين وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرحيل انعام ميمڻ چيو آهي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آپريشن غضب الحق دوران افغان طالبان جا 796 دهشتگرد مارجي ويا

اسلام آباد (اي پي پي) آپريشن غضب للحق دوران 5 اپريل 2026 ع شام 5 وڳي تائين فتنه الخوارج افغان طالبان جا 796 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 1043 کان وڌيڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان سان ام رباب چانڊيو جي ملاقات

ام رباب چانڊيو صرف سنڌ جي نه پر سڄي پاڪستان جي نياڻي بڻجي چڪي آهي:حافظ نعيم الرحمان

ماڊل ڪورٽ ۾ 8 سالن دوران 450 کان وڌيڪ پيشيون ٿيڻ باوجود انصاف فراهم نه ٿي سگهيو

سنڌ ۾ جاگيرداري نظام آهي، جني عام ماڻهن لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ انتهائي مشڪل بڻيل آهي:ام رباب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ام رباب چانڊيو جماعت اسلامي جي امير سان ملاقات ڪري رهي آهي

پاڪستان جو نار ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ وڏو هٿ آهي: پارٽي اخبار

مصر ترڪي ۽ سعودي عرب آمريڪا ايران رابطن ۾ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو

ڪراچي(ڊ) پارٽي اخبار فرسٽ پوسٽ نار ۾ جاري ڇڪتاڻ جي خاتمي ۾ پاڪستان جي ڪردار جو اعتراف ڪندي چيو ته مصر بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ايراني پرڏيهي وزيرن وچ ۾ فون تي رابطو، امن قائم ڪرڻ تي زور

ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ خطي جي تبديل ٿيندڙ صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي: پرڏيهي ترجمان

پاڪستان هڪ ٻيهر ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ سمورين سفارتي ڪوشش جي مڪمل حمايت جو ارادو ڪيو

موجوده بحران جو حل صرف ڳالهيون ۽ سفارتڪاري جي ذريعي ئي ممڪن آهي: اڳواڻ

اسلام آباد(ڊ)پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ سفارتي رابطا تيز ٿي ويا آهن، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق دار ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهه بولهه ڪئي آهي پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ خطي جي تبديل ٿيندڙ صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پاڪستان هڪ ٻيهر ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ سمورين سفارتي ڪوشش جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

مسيحي برادري پاران ايسٽر جو تهوار ملهايو ويو، صدر ۽ وزيراعظم طرفان مبارڪون

صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف مسيحي برادري کي مبارڪباد پيش ڪئي

اهو ڏينهن همدردي، اميد، تجديد نجات ۽ بهتري جو برائي تي فتح جو واضح پيغام ڏئي ٿو: صدر

اسلام آباد(ڊ)پاڪستان سميت سموري دنيا ۾ مسيحي برادري پاران ايسٽر جو تهوار ملهايو ويو، جنهن جي لاءِ گرجا گهرن ۾ دعائيه قريبن جو اهتمام ڪيو ويو آهي انهي موقعي تي صدر آصف علي زرداري ۽ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مسيحي ناريون ايسٽر جي عبادت ۾ شريڪ آهن

وڏوي وزير سيد مراد علي شاهه عوام لاءِ بس جا پاڙا منجمد، وڏو رليف پيڪيج جو اعلان

ٽرانسپورٽرن سان ڪامياب ڳالهين بعد صوبي ۾ بس جي پاڙن کي 28 فيبروري 2026ع واري سطح تي برقرار رکڻ جو فيصلو

ٽرانسپورٽرن، آبادگارن ۽ صارفين لاءِ اضافي قدمن تي وڌيڪ 3 کان 4 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا:وڏو وزير

سنڌ حڪومت وفاق سان گڏجي سبسڊي ذريعي شهرين جي رليف ۽ معاشي استحڪام کي يقيني بڻائيندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آچر ڏهاڙي عوام لاءِ هڪ وڏي رليف پيڪيج جو اعلان ڪيو هن ٽرانسپورٽرن سان ڪامياب ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ سڄي صوبي ۾ بس جي پاڙن کي منجمد ڪرائي ڇڏيو ساڳي وقت وڌندڙ ٻارڻ جي اگهن جي اثرن کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

شهيد قاسم سليماني خاندان جي عورتن جي گرفتاري واري آمريڪي دعويٰ ڪوڙي آهي: زينب سليماني

آمريڪا جن ٻن عورتن کي گرفتار ڪيو آهي انهن جو شهيد قاسم سليماني جي ڪٽنب سان واسطو ناهي

اڄ تائين شهيد قاسم سليماني جي خاندان يا ويجهن مائٽن مان ڪو به آمريڪا ۾ نه رهيو آهي

آمريڪا قاسم سليماني جي خاندان سان واسطو رکندڙ ٻن عورتن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي هئي

حميده سليماني افشار ۽ سندس ڌيءَ آمريڪا جون گرين ڪارڊ هولڊر هيون: مارڪو روبيو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

تهران(ڊ) ايران جي شهيد ڪمانڊر قاسم سليماني جي ڌيءَ زينب سليماني آمريڪي پرڏيهي کاتي جي دعويٰ رد ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب

صوبائي وزير سعيد غني جي مسيحي برادري کي ايسٽر جي موقعي تي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني مسيحي برادري کي سندن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

حج اڏامون 18 اپريل کان شروع ٿينديون: سردار يوسف

اسلام آباد (اي پي پي)مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف اعلان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي ڊرون فيڪٽري ايراني ميزائيل حملي ۾ مڪمل تباهه ٿي وئي

اسرائيلي علائقي بيٿتيڪفا ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ايراني ميزائل سڌو اچي ٽڪرايو هو

جنهن جي نتيجي ۾ اسرائيلي فوج جي ڊرون فيڪٽري مڪمل طور تباهه ٿي وئي

تهران/تل ابيب(ڊ) ايراني ميزائل حملي ۾ اسرائيل جي مرڪزي علائقي ۾ قائم ڊرون فيڪٽري مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بنگلاديش ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ بهتري ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي:اسدالله پٽو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي سينيٽر اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

گورنر هائوس ۾ عيسائي برادري لاءِ شاندار ايسٽر تقريب منعقد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي جي زير اهتمام گورنر بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

چين ۽ ڪئناڊا پاران اقتصادي ۽ مالياتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

بيجنگ (اي پي پي) چين ۽ ڪئناڊا اقتصادي ۽ مالياتي سهڪار وڌائڻ تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

IN MEMORY OF SHAHEED MOHTARMA BENAZIR BHUTTO
شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ياد ڪرڻ
SINDH BANK
سنڌ بينڪ
POWER TO THE PEOPLE
سنڌ بينڪ کي اهو اعزاز حاصل آهي ته
سنڌ حڪومت جي خوراڪ کاتي سان
87 ارب روپين جي ڪڻڪ خريداري
جي پروجيڪٽ ۾ سهڪاري ڪئي آهي۔
بينظير هاري ڪارڊ
2205 4301 0000 0000
00/00
MUHAMMAD HASHIM
paypak
اهي ماڻهو جيڪي Wheat Growers Support Program جي تحت
ڊي اي پي (DAP) جي لاءِ رقم حاصل ڪري چڪا آهن، سنڌ بينڪ جي
ويب سائيٽ www.sindhbank.com.pk تي وڃي پنهنجي ڪڻڪ جي
خريداري مرڪز Wheat Procurement Center جي تفصيل
حاصل ڪري سگهن ٿا.
021-111-117-632 www.sindhbank.com.pk sindhbanklimitedofficial sindhbankltd company/sindh-bank-limited

بقايا 1 | شهباز شريف

حڪومتي ڪفايت شعاري ۽ سادگي وارن قدمن کي لاڳو ڪرڻ واري رپورٽ اجلاس کي سبسڊي. پيش ڪئي فراهمي ۽ اڳيرائي سان گڏوگڏ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي ذخيرن ۽ کپت تي انهي موقعي تي. به بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مسافر بسن کي هڪ لک روپيه ماهوار ڏهن. سبسڊي فراهم ڪئي پئي وڃي هزار روپيه 40 ته مني بس ۽ ويگنن کي هزار ۽ 80 ماهوار مال بردار گاڏين کي هزار روپيه 35 ڊيليوري وينن کي ٻن ڀڏايو ته. سبسڊي ڏني پئي وڃي عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ 70 اضافو روڪڻ جي لاءِ ٽرڪن کي هزار روپيه ماهوار سبسڊي ڏني پئي نظام ۾ شفافيت لاءِ اها رقم. وڃي ڊجيٽل والٽس جي ذريعي فراهم ٿي چيو ته بلوچستان. ڪئي پئي وڃي حڪومت قومي پيڪيج جي طئي ٿيل رقم جمع ڪرائي چڪي آهي جيڪو اميد آهي ته. تعريف جوڳو قدم آهي ٻيا صوبا به انهي پيڪيج جي لاءِ جلد کان جلد طئي ٿيل رقم جمع ڪرائيندا. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته گذريل ارب روپين جو عوامي 128 ٽن هفتن ۾ شڪل جي. رليف پيڪيج ڏنو ويو ان گهٽڙي ۾ ڪنهن به صورت ۾ عوام کي اڪيلو نٿا ڇڏي سگهون. 80 پيٽرول ليوي ۾ فوري طور تي روپيه في ليٽر جي گهٽتائي ڪري ڏهن ته. عوام کي رليف ڏنو ويو ارب روپين جي 6 پاڪستان ريلوي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي، مسافر ٽرينن ۽ مال گاڏين جي ڀاڙن ۾ ڪنهن به قسم جو اضافو نه پيو ڪيو 25 ٽول ٽيڪس ۾ نه ماهي. وڃي سيڪڙو اضافو به واپس ورتو ويو آهي. شهباز شريف چيو ته مشڪل وقت ۾ بهتري قدر ممڪن ٿي سگهي ٿو عوامي رليف جي لاءِ قدم کڻي رهيا هيون، ملڪ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جا مناسب ذخيرا موجود آهن.

بقايا 2 | روس

پرڏيهي ميڊيا مطابق روس جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ماريازاخاروا پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته ايران ۾ ايٽمي تنصيبات کي نشانو بڻائڻ وارا حملا انهن ميزائلن کي موڪلڻ وارن ٻن ياد. جي ساک تي ڪارو داغ آهن. اياريو ته اهي ايراني ايٽمي تنصيبات ۽ اي) عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي جي ضمانتن تحت اچن ٿا (آئي اي وزارت جي ويب سائيٽ تي شايع ٿيل بيان ۾ هن چيو آهي غير قانوني ۽ لاپرواهه قدم انهن ماڻهن جي عالمي ساک تي هڪ اڻ مٽ داغ آهن جيڪي هو شهر ايٽمي پاور پلانٽ ۽ عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي جي ضمانتن تحت ٻين ايراني ايٽمي تنصيبات کي نشانو بڻائن ٿا ۽ انهن کي تباهه ڪرڻ رپورٽ مطابق. جو حڪم جاري ڪن ٿا ايراني اختيارين ان کان اڳ اطلاع ڏنو هو ته بو شهر ايٽمي پلانٽ کي ڇوٽن پيرو نشانو بڻايو ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو. ماٺايل حملي ڪانپوءِ عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي جي ڊائريڪٽر جنرل رافيل گروسي ايٽمي حادثي جي خطري کان بچڻ لاءِ فوجي طور تي انتهائي تحمل جو مظاهرو ڪرڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا 3 | خواجا آصف

خطاب ڪندي خواجه آصف چيو ته اسرائيل جنگ جي اثرات- اسان کي ايران کي ڊگهي عرصي تائين منهن ڏيڻو اسرائيل جنگ جي اثرات- ايران. پوندو کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ٽريلين ڀارت سان لاڳاپيل. رپيا گهربل هوندا. هڪ سوال تي خواجه آصف چيو ته ڀارت خوف جي حالت ۾ آهي ۽ هوش ڦاٽ واري وزير ان. وڃائي چڪو آهي موقعي تي چيو ته گذريل سال ٻوڏ جي پاڻي تباهي مچائي هئي، اسان شهر جا مسئلا حل ڪري رهيا آهيون، شهر کي ٻوڏ جي پاڻي کان بچائڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن، اهم شاهراهن تي تجاوزات ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا. خواجه آصف چيو ته اقبال منزل. وڃن جي چوڌاري هڪ خوبصورت تاريخي بحالي جو منصوبو شروع ڪيو ويو ملين رپين جي 300 آهي، قلعي تي لاڳت سان هڪ پارڪ ٺاهيو پيو وڃي، قلعي جي چوڌاري تجاوزات ختم ڪرڻ واري وزير چيو ته. ڪيون وينديون شاعر مشرق علامه محمد اقبال جي رهائشگاهه کي اپ گريڊ ڪيو پيو ملين 100 پارڪ وڃي، گلشن اقبال ٻين جي لاڳت سان ٺاهيو پيو وڃي، ۽ وڏي وزير جي خاص ڌيان سان شهر ۾ ترقياتي ڪمن جو پيڪيج ڏنو ويو آهي.

بقايا 4 | بينچ جوڙي ويون

عدالتي هفتي لاءِ گڏيل طور تي 15 بينچن جي جوڙجڪ ڪئي آهي 14 بينچون اسلام آباد ۾ مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ڪنديون جڏهن ته هڪ بينچ 8 ۽ 9 اپريل تي سپريم ڪورٽ لاهور رجسٽري ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندي. دستياب روسٽر موجب چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ خان آفريدي هلندڙ هفتي دوران اسلام آباد ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي ته ڪندو عدالتي بينچون مختلف قسم جي ڪيسن جن ۾ آئيني ۽ فوجداري ڪيس شامل آهن جي ٻڌڻي ڪنديون.

بقايا 5 | جمع ڪرايا ويندا

ٿيل سيٽ تي اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو سلسلو (اڄ) سومر کان شروع ٿيندو جيڪو به ڏينهن جاري رهندو جڏهن ته پولنگ 23 اپريل تي ٿيندي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري شيڊول مطابق اميدوارن جي شروعاتي لسٽ اربع تي جاري ڪئي ويندي. انهن جي جنچ پڙتال 10 اپريل جڏهن ته ريٽرننگ آفيسر پاران نامزدگي ڪاغذ منظور يا رد ڪرڻ خلاف اپيلون 13 اپريل تائين ڪري سگهجن ٿيون جن کي 15 اپريل تائين اڪلايو ويندو. نظر ثاني ٿيل لسٽ 16 اپريل تي جاري ٿيندي. نامزدگي ڪاغذ 17 اپريل تي واپس وٺي سگهجن ٿا. پولنگ 23 اپريل تي ڪي پي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي عمارت ۾ ٿيندي.

بقايا 6 | پيڪيج جو اعلان

گهٽائڻ لاءِ هڪ هدف تي ٻڌل سبسڊي پروگرام پڻ متعارف ڪرايو. اهو اعلان وزيراعليٰ هائوس ۾ اعليٰ سطحي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو جتي صوبائي وزير، ٽرانسپورٽرن جا نمائندا ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسر موجود هئا. هن چيو ته حڪومت هڪ گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي آهي ته جيئن شهرين، خاص طور تي گهٽ آمدني وارن مسافرن کي عالمي سطح تي ڀاڙن جي اڳهن ۾ واڌ سبب وڌندڙ سفري خرچن کان بچائي سگهجي. ٽرانسپورٽ شعبي جي عهديدارن پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽيز وڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا، جيڪو هن فيصلي جي سڄي صوبي ۾ گڏيل عملداري جي اهميت کي ظاهر ڪري رهيا هئا. پريس ڪانفرنس جي ابتداءِ ۾ سنڌ جي وڏي وزير سموري ملڪ ۽ خاص طور تي صوبي ۾ رهندڙ عيسائي برادري کي ايسٽر جون واڌايون پڻ ڏنيون. سڄي سنڌ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن کي برقرار رکڻ بابت سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪيترين ئي صلاح مشورن ڪانپوءِ بين الاضلاع ۽ شهرن جي روٽن تي هلندڙ ٽرانسپورٽرز هن ڳالهه تي راضي ٿي ويا آهن ته اهي سواريءَ جي ڀاڙن ۾ واڌ نه ڪندا ۽ 28 فيبروري 2026ع واري سطح تي ئي برقرار رکندا. وڏي وزير چيو ته مان ٽرانسپورٽرن جو ٿورائتو آهيان، جن قومي مفاد ۾ حڪومت جي رليف ڪوششن جو ساٿ ڏنو هن وڌيڪ چيو ته وڌندڙ آپريشنل خرچن باوجود ٽرانسپورٽرن ذميواري جو مظاهرو ڪندي عوام کي رليف ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي ٽرانسپورٽرن جي نمائندن، جن ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ اتحاد جا اڳواڻ حاجي ثواب ۽ بين الاضلاع آپريٽر شبر ملڪ شامل هئا، پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته ڀاڙن کي برقرار رکڻ خراب معاشي حالتن ۾ شهرين جي مدد لاءِ گڏيل فيصلو آهي. نقصانن جي تلافي لاءِ سبسڊي بابت وڏي وزير چيو ته حڪومت روٽ پرمٽس جي بنياد تي ٽرانسپورٽرن کي مالي مدد فراهم ڪندي ته جيئن ڀاڙن جي وڌندڙ قيمتن سبب ٿيندڙ خرچن جو ازالو ڪري سگهجي ۽ عوامي خدمتون جاري رهن هن واضح ڪئي ته سبسڊي ۾ وفاقي حڪومت جي مدد سان گڏ صوبائي حڪومت جي اضافي سهائتا پڻ شامل هوندي، ته جيئن ٽرانسپورٽر مسافرن تي بار وڌائڻ کانسواءِ پنهنجون خدمتون جاري رکي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سبسڊي جو خرچ پاڻ برداشت ڪندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ بسن جا ڀاڙا برقرار رهن. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ بسون هلن ٿيون ۽ ڀاڙن کي سبسڊي ذريعي برقرار رکڻ لاءِ صوبي کي اٽڪل 3 کان 4 ارب رپيا خرچ ڪرڻا پوندا. وڏي وزير ٻڌايو ته عوام کي اهم شعبن ۾ پڻ رليف فراهم ڪيو پيو وڃي هي سبسڊي پيڪيج هيٺين شعبن تائين وڌايو ويندو: مال بردار گاڏيون (گڊس ٽرانسپورٽ)، ته جيئن ضروري شين جا اگهه مستحڪم رهن. اسڪول وينن ته جيئن شاگردن جي ٽرانسپورٽ فيس ۾ واڌ نه ٿئي. پبلڪ ٽرانسپورٽ آپريٽرز ته جيئن ڊيزل جي وڌندڙ اگهن باوجود روزانو آپريشن جاري رهي. وڏي وزير چيو ته شروعات ۾ حڪومت عوامي بسون مفت ڪرڻ تي غور ڪيو هو پر پوءِ هڪ وسيع ڀاڙن جي منجمد پاليسي اختيار ڪئي وئي ته جيئن وڌيڪ ماڻهن کي فائدو ملي سگهي. وفاق ۽ صوبي جي گڏيل اپائن بابت سيد مراد علي شاهه چيو ته هي اپاءَ قومي سطح جي گڏيل حڪمت عملي جو حصو آهي، جنهن تحت صوبن محدود عرصي لاءِ ڀاڙن جي سبسڊي جو بار ورهائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ مجموعي سبسڊي فريم ورڪ ۾ اٽڪل 14 ارب رپيا حصو وجهندي، جڏهن ته ٽرانسپورٽرن، آبادگارن ۽ صارفين لاءِ اضافي قدمن تي وڌيڪ 3 کان 4 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا. بحران دوران استحڪام کي يقيني بڻائڻ بابت ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته علائقي جي بدلجندڙ صورتحال عالمي سطح تي ڀاڙن جي اگهن تي اثرانداز ٿي آهي، پر حڪومتي پاليسين سبب صوبي ۾ ڀاڙن جي فراهمي بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري آهي. هن چيو ته هي وڏي سوچ آهي ته ڏکين حالتن باوجود فراهمي مستحڪم آهي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت عوام کي سستي اگهن تي ضروري شيون فراهم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ هدف تي ٻڌل سبسڊي تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته حڪومت عوام کي مهانگائي جي دٻاءَ کان بچائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ اسان جي ترجيح آهي ته ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف ڏنو وڃي، جڏهن ته معاشي استحڪام ۽ بنيادي خدمتون پڻ برقرار رکي سگهجن.

بقايا 7 | مبارڪباد پيش

مذهبي تهوار ايسٽر جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي، سعيد غني پنهنجي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ته ايسٽر محبت، اميد، امن ۽ پائيداري جو عالمي پيغام ڏئي ٿو، جيڪو پوري انسانيت لاءِ هڪ اهم سبق آهي، هن چيو ته ايسٽر جو ڏينهن قرباني، معافي ۽ نئين زندگي جي اميد جي علامت طور ملهايو وڃي ٿو، هن چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ مسيحي برادري ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ مختلف شعبن ۾ سندن خدمتون قابل قدر آهن. سعيد غني چيو ته مسيحي برادري تعليم، صحت، سرڪاري ادارن ۽ هٿياربند فوجن ۾ پنهنجون ذميواريون نهايت ايمانداري سان نڀائي رهي آهي، جيڪا سڄي قوم لاءِ فخر جو باعث آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ڌرتي محبت، رواداري ۽ پائيداري جي علامت آهي، جتي سڀني مذهبن ۽ مسلڪن کي هڪجهڙو احترام حاصل آهي. سنڌس چوڻ هو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه اقليتن جي حقن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کنيا آهن ۽ خاص طور مسيحي برادري کي سياسي ۽ سماجي سطح تي مناسب نمائندگي ڏني آهي، ايسٽر جي خوشيءَ جي هن موقعي تي سڀني کي گڏجي محبت، امن ۽ قومي يڪجهتي کي هٿي وٺرائڻ گهرجي.

بقايا 8 | زينب سليماني

پنهنجي بيان هن چيو ته آمريڪا جن ٻن عورتن کي گرفتار ڪيو آهي انهن جو شهيد قاسم سليماني جي ڪٽنب قاسم. سان ڪو به واسطو ناهي سليماني جي ڌيءَ نرگس سليماني ايراني سرڪاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ تائين شهيد قاسم سليماني جي خاندان يا ويجهن مائٽن مان ڪو به آمريڪا ۾ نه رهيو آهي. واضح رهي ته آمريڪا دعويٰ ڪئي هئي ان کان اڳ ته قاسم سليماني جي خاندان سان واسطو رکندڙ ٻن عورتن کي گرفتار آمريڪي پرڏيهي وزير. ڪيو ويو آهي مارڪو روبيو چيو ته حميده سليماني افشار ۽ سندس ڌيءَ آمريڪا جون گرين ڪارڊ هولڊر هيون ۽ آمريڪا ۾ شاهاڻي زندگي گذاري رهيون هيون، انهي جو گرين ڪارڊ رد ڪيو ويو آهي.

بقايا 9 | اي اي اي سربراهه

طور تي ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيان. ڪيو آهي جي جواب ۾، محمد البرادعي چيو مهرباني ڪري، خليج ملڪن جي حڪومتن کي جيڪو ڪجهه ڪري محمد "سگهي ٿو اهو ڪرڻ گهرجي البرادعي گڏيل قومن، سيڪيورٽي ڪائونسل، اينٽونيو گوتريس، يورپي ڪائونسل، فرانس، چين ۽ روس کي به اپيل ڪئي ته ٽرمپ خطي کي باهه جي گولي ۾ تبديل ڪرڻ کان اڳ ڪجهه آءِ اي اي اي جي اڳوڻي سربراهه. ڪن چيا ٽرمپ جي جنون کي "چيو ته روڪڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي ته "سگهجي؟ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر ڌمڪي ڏني آهي ته ايران وٽ ڊيل 48 ڪرڻ يا آبنائي هرمز کي کولڻ لاءِ ڪلاڪ آهن، ٻي صورت ۾ ان تي آمريڪي صدر. قيامت اچي ويندي ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ پوسٽ ۾ چيو ته ياد رکو جڏهن مون ايران کي ڊيل ڪرڻ يا آبنائي هرمز کي کولڻ لاءِ ڏينهن ڏنا هئا 10.

بقايا 10 | باهه لڳي وئي

پيٽروڪيميڪل پلانٽ تي حملو ڪيو ويو. حملي ڪانپوءِ بروج پيٽروڪيميڪل پلانٽ ۾ ڪيترن ابوظهبي. هنڌن تي باهه لڳي وئي آهي اختيارين جو چوڻ آهي ته پيٽروڪيميڪل پلانٽ ۾ باهه ميزائل جي ملبو ڪرڻ سبب لڳي، بروج پلانٽ جون هڙتي سرگرميون معطل ڪيون ويون آهن، بروج پيٽروڪيميڪل پلانٽ ابوظهبي جو وڏو صنعتي مرڪز آهي.

بقايا 11 | سردار يوسف

ڪيو آهي ته حج 2026ع جا سمورا انتظام مڪمل آهن. هڪ لک 80 هزار حج پاڻديئڙن لاءِ ڪو به اضافي خرچ نه ڪيو ويندو اڏامون 18 اپريل کان شروع ٿينديون. ان حوالي سان مالي انتظام ڪيا ويا آهن ۽ موجوده سروسز سان ٽئون روٽ لاهور شامل ڪيو ويو آهي ذريعن موجب وفاقي وزير اعلان ڪيو آهي ته هلندڙ سال ڪل هڪ لک 80هزار حج پاڻديئڙا حج ادا ڪندا جن ۾ هڪ لک 20 هزار سرڪاري ڪوٽا تحت ۽ 60 هزار پرائيوٽ ڪمپنين وارا حج پاڻديئڙا شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته مذهبي معاملن واري وزارت پرائيوٽ ڪمپنين سان ويجهي رابطي ۾ رهندي ته جيئن عمره سروسز، رهائش، کاڌي پيتي ۽ ٽرانسپورٽ کي منظم بڻائي سگهجي. هن چيو ته زائرين کي اعليٰ معيار جا انتظام فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويا آهن. وزارت جو مقصد آهي ته هلندڙ سال حج انتظامن ۽ سهولتن جي لحاظ کان مثالي تجربو رهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اڳ ۾ حج جو روٽ ڪراچي کان اسلام آباد هوندو هو هاڻي لاهور کان سعودي عرب جو روٽ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن زائرين لاءِ سفر آسان ٿي سگهي جڏهن ته شهرن مان اڏامون پنهنجي مقرر شيڊول مطابق جاري رهنديون.

بقايا 12 | تباهه

اسرائيلي اختيارين تصديق ڪئي. آهي آهي ته اسرائيلي علائقي بيٽتيڪفا ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ايراني ميزائل سڌو هو جنهن جي نتيجي ۾ ٽڪرايو اچي اسرائيلي فوج جي ڊرون فيڪٽري اسرائيلي. مڪمل طور تباهه ٿي وئي اختيارين موجب، اها فيڪٽري ٻيهر واضح. ڪم ڪرڻ جوڳي نه رهي آهي رهي ته فيڪٽري اسرائيل جي دفاعي صنعت ۽ اسرائيلي فوج کي ڊرونز پائلٽ هيلمٽس ۽ اهم پرزا فراهم ڪندي هئي.

بقايا 13 | گرفتار

ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو ويو، احتجاج کي روڪڻ لاءِ سنڌ پوليس سخت قدم کڻي پريس ڪلب پرسان سمورا رستا ڪنٽينر لڳائي بند ڪري ڇڏيا، جنهن سبب شهر جي معمولات زندگي متاثر ٿي ۽ ڪيترن علائقن ۾ ڪرفيو جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي، پي ٽي آءِ ڪارڪن مختلف علائقن مان ريلين ڪڍي پريس ڪلب طرف وڌندا رهيا، جڏهن ته پوليس کين روڪڻ لاءِ شيلنگ ۽ لٺي چارج ڪيو، عورت ڪارڪنن سميت ڪيترن ماڻهن تي تشدد ڪيو ويو، جڏهن ته 5 عورتن سميت 30 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري اٿجاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو، گرفتار ٿيلن ۾ پي ٽي آءِ سنڌ جا اڳواڻ دوا خان صابر، عالمگير خان، وومين ونگ ڪراچي جي صدر فضہ ذيشان، ملير جو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ خالد محمود، معراج شاهه، سعيد مدني، زبيده شڪيل، ايڊووڪيٽ نجمه اعوان، صائمه، راشد گبول، عثمان خان، ڪاشف اقبال، سراج، شهباز نواز، بلال دائود، نور علي، حبيب زمان، ماسٽر صبغت الله خان، شاڪر ۽ پنهل سولنگي سميت ٻيا شامل آهن، سيني رڪاوٽن باوجود پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، ڪراچي جي صدر راجا اظهر جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن پريس ڪلب پرسان صدر واري علائقي ۾ پهچي احتجاج جاري رکيو ۽ مهانگائي خلاف سخت تعريبازي ڪئي، خطاب ڪندي حليم عادل شيخ چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي آهي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ عوام لاءِ سخت مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. هن چيو ته اٽو، کنڊ، گيهه ۽ ٻيون ضروري شيون عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن. هن حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته پرامن احتجاج کي طاقت سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ڪراچي ۾ ڪرفيو جهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو. جڏهن ته صحافين کي به پريس ڪلب وڃڻ کان روڪيو ويو. راجا اظهر پوليس ڪارروائي جي مذمت ڪندي چيو ته ڪارڪنن تي تشدد ناقابل قبول آهي، خاص طور عورتن سان بدسلوڪي انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. هن چيف جسٽس سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو. ارسلان خالد چيو ته ملڪ ۾ حق لاءِ آواز اٿارڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي ۽ مهانگائي خلاف ڳالهائڻ وارن تي تشدد ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ڪارڪنن جي گرفتارين ۽ پوليس جي رويي خلاف هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو.

بقايا 14 | اسدالله ڀٽو

جي ميمبر مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي ته بنگلاديش ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ بهتري ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي، بنگلاديش ۾ جمهوريت ۽ اسلامي قدرن جي تحفظ لاءِ ڏنل قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي بنگلاديش جي هڪ وفد سان قباءِ آڊيٽوريم ۾ ملاقات دوران ڪيو. پروفيسر مجاهد الاسلام جي اڳواڻي ۾ پنج رڪني وفد صوبائي آفيس جو دورو ڪيو ۽ ذميوارن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي سياسي صورتحال، گڏيل دلچسپيءَ ۽ جماعتي سرگرمين تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي، ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جو صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا عبد القدوس احمداڻي ۽ اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. مولانا اسدالله ڀٽو وڌيڪ چيو ته اڳوڻي وزيراعظم حسينه واجد جي دور ۾ جماعت اسلامي سميت مخالف سياسي اڳواڻن کي سزائون ڏنيون ويون ۽ ظلم ۽ جبر جي انتها ڪئي وئي، جنهن سبب جمهوري قدرن کي سخت نقصان پهتو. هن سموري صورتحال تي نام نهاد انساني حقن ۽ جمهوريت جا دعويدار خاموش تماشائي بڻيل رهيا. پاڪستان دشمني ۾ حسينه واجد جي دور ۾ بنگلاديش کي ڀارت جي اثر هيٺ آڻي عملي طور ڀارت جي ڪالوني بڻايو ويو هو. انهيءَ ڪري پڇي وڃڻ کان پوءِ هن ساڳئي ملڪ ۾ پناهه ورتي آهي. بنگلاديش ۾ عام چونڊن ۾ جماعت اسلامي جي ڪاميابي ڪارڪنن جي لڳاتار جدوجهد ۽ شهيدن جي قربانين جو ئي نتيجو آهي، جنهن هڪ نئين اميد کي جنم ڏنو آهي، ملاقات جي پڄاڻي تي ٻنهي ڌرين طرفان ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته واپار، دفاعي ۽ سفارتي لاڳاپن جي مضبوطي سميت مستقبل ۾ باهمي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو ۽ امت مسلمه جي گڏيل مفادن لاءِ پنهي ملڪ گڏجي ڪم ڪندا

بقايا 15 | تقريب منعقد

هائوس ۾ عيسائي برادري لاءِ هڪ شاندار ايسٽر تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي معززين شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو ته ايسٽر تقريب جو مقصد بين المذاهب هم آهنگي، رواداري ۽ قومي اتحاد کي هٿي ڏيڻ آهي. هن چيو ته عيسائي برادري ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ گورنر هائوس جا دروازا سڀني مذهبن جي ماڻهن لاءِ هميشه کليل آهن. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته اسان پنهنجي عيسائي ڀائرن سان ايسٽر جي خوشين ۾ برابر جا شريڪ آهيون، قائداعظم جي ويزن موجب هر مذهب جي ماڻهن کي مڪمل آزادي سان پنهنجا ڏهاڙا ملهائڻ جو حق آهي. تقريب ۾ چيني قونصل جنرل يانگ يونڊونگ، برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر لائس ڊوم، روس ۽ جرمني سميت مختلف ملڪن جي سفارتي عملي شرڪت ڪئي ان موقعي تي مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري مملڪتي وزير کيل داس ڪوهستاني، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اينٿوني نويد، بشپ فريڊرڪ جان ۽ ٻيا معزز ماڻهو پڻ موجود هئا. تقريب حڪومت جي ڪفايت شعاري واري پاليسي جي مطابق سادگي سان منعقد ڪئي وئي. گورنر سنڌ عيسائي برادري کي دل جي گهراين سان ايسٽر جون مبارڪون ڏنيون ۽ معزز مهمانن سان گڏ ايسٽر ڪيڪ ڪٽيو. تقريب ۾ ملڪ جي ترقي، خوشحالي، امن ۽ سلامتي ۽ بين المذاهب هم آهنگي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون. مذهبي معاملن واري مملڪتي وزير کيل داس ڪوهستاني، برطانيه جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اينٿوني نويد ۽ بشپ فريڊرڪ جان پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا ۽ پائيداري، رواداري ۽ پائيداري جي جذبي جي تعريف ڪئي.

بقايا 16 | وڌائڻ تي اتفاق

اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي نائب وزيراعظم ۽ چين-ڪئناڊا اقتصادي ۽ مالياتي اسٽريٽجڪ ڳالهين جي چيني سربراهه حي لي فنگ ڪئناڊا جي ناڻي واري وزير ۽ ڳالهين جي ڪئناڊين شريڪ سربراهه فرانسوافلپ شيمپين سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي لي فنگ چيو ته ڏرين کي گهرجي ته هو ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن وچ ۾ طئي ٿيل اهم اتفاق راءِ تي اثرائتو عمل ڪن، واپار، معيشت ۽ ماليات جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ گهرو ڪن ۽ چين ۽ ڪئناڊا جي اقتصادي لاڳاپن کي مستحڪم ۽ صحتمند انداز ۾ اڳتي وڌائن. فرانسوا فلپ شيمپين چيو ته ڪئناڊا چين سان لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو ۽ هو چيني ڌر سان گڏجي اقتصادي ۽ مالياتي سهڪار کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌيڪ عملي نتيجا حاصل ڪرڻ جو خواهشمند آهي. ٻنهي پاسن کان ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته هلندڙ سال جي پهرين ڇهه ماهي ۾ چين-ڪئناڊا اقتصادي ۽ مالياتي اسٽريٽجڪ ڳالهيون منعقد ڪيون وڃن.

بقايا 17 | اعلان

صدارتي حڪمنامي مطابق اهو فيصلو قومي سلامتي جي تحفظ کي نظر ۾ رکيو ويو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته لاڳاپيل آمدني واپار اهڙي مقدار ۽ حالتن ۾ ٿي رهيو آهي جيڪو آمريڪا جي سلامتي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو. 31 اهو ٽيرف 2026ع کان جولاءِ لاڳو ٿيندو جڏهن ته انهن ڪمپنين لاءِ سيڪڙو رکيو ويو آهي 20 شرح جيڪي آمريڪا ۾ پيداوار منتقل ڪرڻ جا منصوبا رکن ٿيون يا (آن شورنگ) پر اها. جلد ئي ايئن ڪرڻ واريون آهن ع تائين وڌائي2030 اپريل 2 شرح حڪم. سيڪڙو ڪئي ويندي 100 نامي مطابق يورپي يونين، جاپان، ڏکڻ ڪوريا، سوئٽزرلينڊ ۽ ليختنسٽائن جهڙا ملڪ، جن جا آمريڪا سان واپاري سيڪڙو 15 آهن. انهن تي معاهدا ٽيرف لاڳو ٿيندو جڏهن ته برطانيا لاءِ سيڪڙو مقرر ڪئي وئي 10 اها شرح آهي.

بقايا 18 | تنقيد

ته ماضيءَ جي پارٽ ۾ انٽرٽينمينٽ ذريعي به محبت ۽ هم آهنگي کي امر" هن چيو ته. هٿي ڏني ويندي هئي جهڙين فلمن تي ٽيڪس "اڪبر انٿوني ۾ رعايت ڏني ويندي هئي ته جيئن ٽڪيٽن جون قيمتون گهٽ رهن ۽ ماڻهو شوق سان اهڙيون فلمون ڏسن، پر ۽ آهي هاڻي دور تبديل ٿي چڪو اهڙين فلمن کي ٽيڪس رعايت ڏني پئي وڃي جن ۾ مسلمانن خلاف نفرت ششي ٿرور هن رويي. ڊيکاري وڃي ٿي کي بيانئي ۽ قدرن ۾ وڏي تبديلي قرار ڏنو.

بقايا 19 | شرجيل ميمڻ

ته ايندڙ ڏينهن ۾ مختلف ضلعن ۾ متوقع برساتن کي نظر ۾ رکندي صوبائي حڪومت سڀني لاڳاپيل ادارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، جامشورو، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ برسات ۽ ڳوڙي جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي موجب، 6 اپريل تي برساتن ۾ شدت اچي سگهي ٿي هڪ بيان ۾، هن وڌيڪ چيو ته ممڪن موسمي حالتن کي نظر ۾ رکندي، شهري علائقن ۾ نيڪال جا موثر انتظام يقيني بڻائي رهيا آهن. جڏهن ته حساس اڏاوتن ۽ بيٺل فصلن جي حفاظت لاءِ احتياطي اپاءَ ورتا پيا وڃن. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته لاڳاپيل ادارن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته نيڪال جي نظام کي وڌيڪ موثر ۽ فعال رکيو وڃي ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي بروقت منهن ڏنو وڃي سنڌ حڪومت ضلعي انتظاميا، مڪاني ادارن، بچاءَ جي خدمتن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي عوام کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي متحرڪ ڪيو آهي. هن چيو ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته موسمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي هارين کي حڪومتي هدايت ۽ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي ته جيئن اهي پنهنجي فصلن جي حفاظت لاءِ بروقت قدم کڻي سگهن. ۽ سنڌ حڪومت هارين سان گڏ بيٺي آهي جڏهن ته ڪنهن به ممڪن نقصان جي ازالي لاءِ هڪ مؤثر ايڪشن پلان تيار ڪيو پيو وڃي.

بقايا 20 | مارجي ويا

زخمي ٿيا. سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ ڪالهه ايڪس تي پوسٽ ۾ ٻڌايو ته آپريشن غضب للحق دوران افغان طالبان جون 286 چوڪيون تباهه جڏهن ته 44 چوڪيون قبضي ۾ ورتيون ويون. اهڙي طرح 249 ٽينڪ، بڪتر بند گاڏيون، توپون ۽ ڊرون تباهه ڪيا ويا. سڄي افغانستان ۾ 81 دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو ويو. ان ڪارروايون دوران 2 کان 3 اپريل جي رات غلام خان سيڪٽر ۾ سرحدي چوڪي تي افغان طالبان /فتنہ الخوارج طرفان حملي جي ڪوشش کي مڪمل طور ناڪام بڻايو ويو جنهن ۾ ڪين وڏو جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻو پيو ۽ انهن جا 37 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 80 کان وڌيڪ زخمي ٿيا.

بقايا 21 | ملاقات

حافظ نعيم الرحمان سان ام رباب چانڊيو جي ملاقات، جاگيرداري نظام خلاف گڏيل جدوجهد جو اعلان ڪراچي ۾ اداري نور حق تي امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان سان سنڌ جي مظلوم نياڻي ام رباب چانڊيو ملاقات ڪئي، جنهن بعد ٻنهي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي اهم انڪشاف ۽ خيال پيش ڪيا. ان موقعي تي حافظ نعيم الرحمان چيو ته اڄ ام رباب چانڊيو صرف سنڌ جي نه پر سڄي پاڪستان جي نياڻي بڻجي چڪي آهي ۽ سندس جدوجهد ظلم خلاف هڪ علامت آهي. هن چيو ته ام رباب جي والد، ڏاڏا ۽ چاچا جو قتل جاگيرداري نظام جي نتيجي ۾ ٿيو، جتي سچ ڳالهائڻ ڏوهه بڻيل آهي، هن وڌيڪ چيو ته ماڊل ڪورٽ ۾ 8 سالن دوران 450 کان وڌيڪ پيشيون ٿيڻ باوجود انصاف فراهم نه ٿي سگهيو، جيڪو عدالتي نظام تي سوال آهي، سندس چوڻ هو ته وڏيرا ۽ جاگيردار وڏين سياسي پارٽين ۾ شامل ٿي پنهنجي اثر رسوخ ذريعي قانون کان معافهون بڻيل آهن. جڏهن ته ججز تي به دٻاءَ وڌو وڃي ٿو. حافظ نعيم الرحمان چيو ته سنڌ ۾ 18 سالن کان حڪمراني باوجود اربين رپين جي بجيٽ هوندي به تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ برقرار آهي، خاص ڪري ڪنڌڪوٽ جهڙن علائقن ۾ ڪا به تبديلي نظر نٿي اچي، هن دعويٰ ڪئي ته لکين ٻار تعليم کان محروم آهن ۽ ڪرپشن، رشوت ۽ سفارش جو نظام عام آهي. هن چيو ته ام رباب کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪيس کي نقصان ٿيو ته ان جي ذميواري سنڌ حڪومت ۽ آصف علي زرداري تي هوندي، هن رينجرز ۽ پوليس کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري ام رباب کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هوءَ جماعت اسلامي ۽ حافظ نعيم الرحمان جي ٿورائتي آهي، جن سندس ڪيس کي اهميت ڏني، هن چيو ته سندس والد، ڏاڏا ۽ چاچا کي 8 سال اڳ بي رحمي سان قتل ڪيو ويو، جڏهن ته عدالت جي فيصلي بيگناهن کي ڏوهاري ۽ جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو. هن الزام هنيو ته جوابدار بااثر وڏيرا آهن ۽ هڪ سياسي جماعت سان لاڳاپيل آهن. سندس چوڻ هو ته سنڌ ۾ جاگيرداري نظام موجود آهي، جتي عام ماڻهن لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ انتهائي مشڪل بڻيل آهي. ام رباب چيو ته سندس جدوجهد ڪنهن سياسي پارٽي لاءِ نه پر انصاف لاءِ آهي ۽ هوءَ اليڪشن ڪيس ۾ پڻ پنهنجو جواب داخل ڪندي. هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪيس جو ٻيهر جائزو وٺي جوابدارن کي سزا ڏني وڃي. ملاقات دوران جماعت اسلامي سنڌ ۽ ڪراچي جي قيادت به موجود هئي، جڏهن ته ٻنهي اڳواڻن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهي نظام خلاف گڏيل جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا 22 | اعتراف

ايران- ترڪي ۽ سعودي عرب آمريڪا رابطن ۾ پاڪستان جي ڪردار کي فرسٽ پوسٽ جي رپورٽ. ساراهيو آهي موجب، چئن ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس مان پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي ملي، ايران پاڪستاني جهازن کي آبنائي هرمز مان گذرڻ جي اجازت ڏئي اعتماد جو اظهار ڪيو.

بقايا 23 | ٽرمپ

فوجي ڪارروائيون، پيٽروڪيميڪل پلانٽن تي حملا ۽ وڌندڙ جاني نقصان صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. هوڏانهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران جي 15- جابلو علائقي مان جنگي جهاز ايف جي هڪ پائلٽ کي سخت زخمي حالت ۾ ڪاميابي سان بازياب ڪرائي ورتو ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل. ويو آهي پنهنجي بيان ۾ ٽرمپ چيو ته جاٺايل آفيسر جيڪو هڪ ڪرنل آهي، کي نهايت خطرناڪ آپريشن ذريعي ريسڪيو ڪيو ويو ۽ ان دوران ايراني فوج وڏي انگ ۾ سندس ڳولا ۾ هئي هن چيو ته. ۽ ويجهو پهچي رهي هئي اهڙي قسم جون ڪارروائيون خطرن سبب گهٽ ٿي ڪيون وينديون آهن، جو ته ان ۾ جاني ۽ مالي نقصان جو ٽرمپ موجب، خدشو هوندو آهي آمريڪي فورسز ايران اندر اٽڪل ست. ڪلاڪن تائين آپريشن جاري رکيو ٻئي پاسي ايراني هٿياربند فوج جي گڏيل ڪمان خاتم الانبياء سينٽرل هيڊڪوارٽر جي ترجمان دعويٰ ڪئي آهي ته ڏکڻ اصفهان جي هڪ غيرفعال هوائي اڏي تي آمريڪي فوج جو مبينا ريسڪيو آپريشن مڪمل طور ناڪام بيان موجب، ڪيرايل آمريڪي. ٿي ويو جهاز جي پائلٽ کي بچائڻ وارو آپريشن ايراني هٿياربند فوج جي وقتائتي موجودگي سبب ناڪامي جو ترجمان چيو ته وڌيڪ جاچ. شڪار ٿيو مان پتو پيو ته هن ڪارروائي دوران فوجي C-130 آمريڪي فوج جا به ٽرانسپورٽ جهاز ۽ به بليڪ هاڪ بيان ۾ چيو ويو. هيليڪاپٽر تباهه ٿيا ته ان واقعي سبب آمريڪي فوج جي لڳاتار ناڪامين ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ اهو ثابت ٿيو آهي ته هو هن جنگ ۾ سرسي حاصل ڪندڙ قوت ناهي. ترجمان موجب، هن ڪارروائي ڪانپوءِ آمريڪي صدر نفسياتي جنگ ذريعي صورتحال تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته زميني حقيقتون ايراني هٿياربند فوج جي سرسي ظاهر ڪن ٿيون.

بقايا 24 | تعاون تي اتفاق

صاحب پاڳارا سان جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان راجا هائوس ۾ ملاقات ڪئي، ملاقات دوران ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۽ باهمي دلچسپي وارن معاملن تي تفصيلي خيال ونديا ويا. ان موقعي تي جماعت اسلامي ڪراچي جا امير منعم ۽ سٽي ڪائونسل ۾ اپوزيشن ليڊر سيف الدين ظفر ايڊووڪيٽ پڻ موجود هئا. ٻنهي اڳواڻن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته مستقبل ۾ سياسي ملاقاتن جو سلسلو جاري رکيو ويندو ۽ ٻنهي جماعتن طرفان سنڌ جي عوام جي مسئلن جي حل لاءِ گڏجي ڪم ڪيو ويندو. پير صاحب پاڳارا حافظ نعيم الرحمان جي راجا هائوس آمد تي آجيان ڪئي، جڏهن ته جماعت اسلامي طرفان کين لاهور ۾ قائم مرڪز منصوره ۾ دوري جي دعوت پڻ ڏني وئي، جيڪا پير صاحب پاڳارا قبول ڪندي چيو ته جڏهن به لاهور ايندا سين ته ضرور دورو ڪندا سين.

بقايا 25 | آمريڪي ميڊيا

ٻنهي هيليڪاپٽرن ۽ ٽرانسپورٽ جهاز عرب ميڊيا موجب. کي تباهه ڪيو ايراني فوج جي مزاحمت سبب آمريڪي فوج کي هيليڪاپٽرن ۽ جهازن جي قرباني ڏيڻي پئي، چو ته جهازن ۾ موجود حساس جاءِ لڪائڻ لاءِ انهن کي ناڪارا بڻائڻ اڻٽر هو.

بقايا 26 | لاهور قلندرز

جي دفاعي چيمپئن لاهور قلندرز (ايل جي مئنيجر ۽ شريڪ مالڪ ثمين رانا چيو آهي ته بال ٽيمپرنگ معاملي تي سينيئر بيٽر فخر زمان جو عدالت وڃڻ ذاتي فيصلو آهي، اسان پنهنجي موقف تي قائم رهندڙ ڪنهن به رانديگر سان ڪراچي جي نيشنل نيشنل. گڏ آهيون اسٽيڊيم ڪراچي ۾ پريڪٽس سيشن دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ثمين رانا چيو ته بال ٽيمپرنگ فيصلي خلاف اپيل رد ٿيڻ ڪانپوءِ عدالت وڃڻ فخر زمان جو ذاتي فيصلو آهي، اسان فيصلي کي مڃي ڏيون ٿا پر جيڪو رانديگر پنهنجي موقف تي قائم رهي هن چيو ته. ٿو اسان ان سان گڏ آهيون پي ايس ايل هاڻي وڏو برانڊ بڻجي چڪو آهي، هن ليگ کي هن مقام تائين پهچائڻ لاءِ سڀني جدوجهد ڪئي آهي، هن سال ٻن ٽيمن جي واڌاري اٺ ٿي ويو آهي، جيڪو سٺو سٺو ٿيڻ آهي، جنهن سان سنڌس چوڻ هو ته پي. مقابلو وڌندو ايس ايل ميچن دوران تماشائين جي ڪوٽ تي افسوس آهي پر حالتن کي نظر ۾ رکي فيصلو ڪيو ويو، پي ايس جي ٻئي مرحلي جون ميچون 11 ايل ڪراچي ۾ ٿيڻ تي خوشي آهي، هي. شهر اسان جي دلين جي ويجهو آهي هن وڌيڪ چيو ته ليگ ۾ دلچسپ مقابلا ٿي رهيا آهن ۽ هر ٽيم وٽ. ٽائيٽل کٽڻ جا برابر موقعا آهن.

بقايا 27 | پرڏيهي وزير

وزير شهزاده فيصل بن فرحان سان روس، چين ۽ جاپان جي پرڏيهي وزيرن پرڏيهي. ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي ميڊيا مطابق چين جي پرڏيهي وزير وانگ ژي، روس جي پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف ۽ جاپان جي هم منصب توشيمتسو موتيگي رابطي ۾ ٻه طرفا لاڳاپن ۽ خطي جي صورتحال جاپان. تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جي پرڏيهي وزير وچ اوپر تڪرار جو سياسي حل ڳولڻ جي حوالي سان شهزاده فيصل بن فرحان جي ڪوشش جاپان جي پرڏيهي وزارت. ڪي ساراهيو مطابق هن آبنائي هرمز جي بندش باوجود توانائي جي مستحڪم فراهمي برقرار رکڻ لاءِ مملڪت جي ڪوشش هن چيو ته جاپان، ايران. تي ٿورو مجيو سان تڪرار کي گهٽائڻ لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکندو، جڏهن ته سعودي عرب سان وڌيڪ سهڪار جي خواهش جو اظهار ڪيو.

بقايا 28 | زور

ڳالهين. مڪمل حمايت جو ارادو ڪيو جي دوران انهي ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته موجوده بحران جو حل صرف ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي ذريعي ئي ممڪن جڏهن ته طاقت جي استعمال. آهي سان حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون ٻنهي پرڏيهي وزيرن انهي ڳالهه. ٿيون تي به اتفاق ڪيو ته خطي ۾ امن استحڪام جي لاءِ ويجها رابطا برقرار رکيا ويندا ۽ گڏيل مشاورت جو سلسلو به جاري رکيو ويندو.

بقايا 29 | مبارڪباد پيش

وزيراعظم شهباز شريف به مسيحي برادري کي مبارڪباد پيش ڪئي صدر آصف علي زرداري چيو ته. آهي اهو ڏينهن همدردي، اميد، تجديد، نجات ۽ بهتري جو برائي تي فتح جو مسيحي، مرد ۽. واضح پيغام ڏئي ٿو عورتون اسان جي اسڪولن، اسپتالن، سرڪاري ادارن ۽ هٿياربند فوج ۾ خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن، پاڪستان ۾ مسيحي برادري کي قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف. آهي چيو ته دعاگو آهيون ته خوشين جو اهو ڏينهن مسيحي برادري، اسان جي ملڪ ۽ سموري دنيا جي لاءِ امن، استحڪام ۽ خوشحالي جي خبر کڻي اچي. موجوده چڪتاڻ وارين حالتن ۾ سمورن مذهبن جي امن جي تعليم ۽ ترغيب هن. به اهميت اختيار ڪري وئي آهي وڌيڪ چيو ته سمورا شهري خاص طور تي اقليتن جي مذهبي، معاشي، تعليمي حقن جو يقيني تحفظ. حڪومت جي ترجيحات ۾ شامل آهي.

بقايا 30 | اچانڪ دورو

مراد علي شاهه جو شهر ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جو اچانڪ دورو وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شهر ڪراچي جي اهم ترقياتي منصوبن، بشمول عظيم پورا فلائي اوور ۽ شاهراهِ ڀٽو تي جاري ڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ اچانڪ دورو ڪيو. دورو دوران سينئر وزير شرجيل ميمڻ، وزير بلديات ناصر شاهه، وزير ايڪسائيز مڪيش ڪمار چاولہ، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ٻين اعليٰ عملدارن به وزيراعليٰ سان گڏ هئا. عظيم پورا فلائي اوور منصوبو فلائي اوور جو 27 ڏينهن ۾ 45 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. فلائي اوور 700 ميٽر ڊگهو آهي ۽ گڏوگڏ 4 لين روڊ پڻ تعمير هيٺ آهي منصوبو 1562 ملين رپين جي لاڳت سان تيار ٿي رهيو آهي. پائلز جو ڪم 100 سيڪڙو مڪمل ۽ گرڊرز 95 سيڪڙو لڳايا ويا آهن. ديوار ۽ ريمپ جي تعمير 60 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪي آهي، ۽ فلائي اوور جي ويڪرائي 17.2 ميٽر آهي. منصوبو مڪمل ٿيڻ سان ٽرئفڪ جي رواني ۾ واضح سڌارو متوقع آهي. فلائي اوور جون مڪمل ٿيڻ جي تاريخ 15 جون مقرر ڪئي وئي آهي. وزيراعليٰ سنڌ فلائي اوور کي هڪ مهيني اندر مڪمل ڪرڻ جو حدف مقرر ڪيو آهي. مڪمل ٿيڻ بعد شهرين کي جديد سفري سهولتون حاصل ٿينديون. شاهراهِ ڀٽو وزيراعليٰ سنڌ بعد ۾ شاهراهِ ڀٽو پهچي، هتي جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو. شاهراهِ ڀٽو منصوبو ڪراچي جي عوام لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ هر حالت ۾ جلدي مڪمل ٿيڻ گهرجي ترقياتي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪئي ويندي. عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ وزيراعليٰ جي پهرين ترجيح آهي. ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو. شاهراهِ ڀٽو جي بروقت مڪمل ٿيڻ سان شهر جي ٽرئفڪ ۾ نمايان بهتري متوقع آهي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه زور ڏنو ته عوام کي رليف فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي ۽ ترقياتي ڪم هر لحاظ کان معيار ۽ وقت جي پابندي سان مڪمل ٿيڻ گهرجن.

بقايا 31 | ٻڪريون مري ويون

گهر جو سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو. مالڪ باهه لڳڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو. گوٺ موج خان ميئو ۾ رهندڙ نورشاهه ولد ابراهيم شاهه جي گهر کي اڄ صبح بوقت 9بجي اچانڪ باهه لڳي وئي باهه لڳڻ ڪري. هڪ لک روپيا ڪيش 6 ٻڪريون ۽ گهر جو سڀ سامان سڙي رک ٿي. مالڪ باهه لڳڻ جو سبب نامعلوم ٻڌايو.

بقايا 32 | احتجاجي مظاهرو

جنهن ۾ ڪارڪنن اڳواڻن شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي غلام مرتضيٰ ڏيپر فيض محمد ملاح امتياز راڄپر علي رضا بلر جان محمد پنهوارو ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ چوهاڻ عبدالقيوم ڀٽو اياز علي ڏيپر جنسار ڪلهوڙو ارشاد ڪورائي يار محمد ملاح شاهد عالماڻي ۽ ٻين چيو ته موجوده حڪمران عوام دشمن آهن انهن هميشه عوام جي مفادن جي خلاف ڪم ڪيو آهي ته هو عوام جي ميڊيٽ ته پر فارم 47 جي ذريعي چور دروازي کان ملڪ تي قبضو ڪري ڏاڍ ذريعي حڪومت ڪري رهيا آهن هنن چيو ته پيٽرول ڊيزل گيس سميت هر شي مهانگي ڪري غريب ماڻهن کان جيئڻ جو حق کسيو ويو آهي انهن کي غريب ماڻهن جو ڪهڙو احساس هوندو مهانگائي بيروزگاري بد امني عروج تي آهي باني پي ٽي آئي عمران خان ملڪ ۽ قوم جو حقيقي ليڊر آهي جيڪو عوام ۽ ملڪ سان سچو آهي پنهنجي دور حڪومت ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو جنهن ڪري پوري قوم عمران خان سان خوش هئي پر اهي ڪم انهن عوام دشمنن کي نه وڻيا اليڪشن ۾ عوام جي پي ٽي آئي کي ڏنل ميڊيٽ کي چوري ڪري عوام دشمن اقتدار تي قبضو ڪيو جنهن ڪري اهڙو ظلم ٿي رهيو آهي عوام جي حقيقي ليڊر عمران خان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪيو آهي اڄ ملڪ جي ڪروڙين عوام عمران خان کي ياد ڪري ٿي انشاء الله جلد ئي عمران خان آزاد ٿي ملڪ کي سنڀاليندو مهانگائي کي ختم ڪندو ظلم ڏاڍ جبر جي نظام جو خاتمو آڻيندو

بقايا 33 | تارون چوري

سان نامعلوم چور ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ مختلف گوٺن ڏانهن ويندڙ خانپور جوڻيجو فيڊر بجلي لائين مان 6 ٿنڀن تان 11 هزار وولٽيج جون تارون هڪ دفعو ٻيهر چوري لاهي کڻي ويا جنهن سبب 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي معطل ٿي وئي بجلي معطل ٿيڻ ڪري مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي جي فراهمي مڪمل طرح سان بند سوين ڳوٺاڻا پريشاني ۾ وڪوڙجي ويا ان موقعي تي ڳوٺاڻي احسن علي چانڊيو ٻڌايو ته ڪڪڙ ٽاٽي جي حد ۾ خانپور جوڻيجو کان گل محمد چانڊيو منو ٻپر ۽ ٻين مختلف ڳوٺن ڏانهن ويندڙ بجلي جي 6 ٿنڀن تان 11 هزار وولٽيج جون تارون هڪ ڀيرو ٻيهر نامعلوم چور چوري ڪري کڻي ويا آهن جنهن سبب 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي فراهمي مڪمل معطل ٿي وئي آهي جنهن ۾ ڳوٺ ٻيلو پٽڻ، ميو چانڊيو ، منو ٻپر ، گل محمد چانڊيو ڪانيا ، بنگلو ، قادر بخش بروهي ، اميد علي ٻپر ۽ ٻيا ڪيترائي ڳوٺ شامل آهن جيڪي بجلي کان محروم بڻجي ويا آهن جڏهن ته ڳوٺن ۾ بجلي نه هئڻ ڪري واٽر سپلاءِ ذريعي ڳوٺن ڏانهن پاڻي جي فراهمي مڪمل بند ٿي وئي آهي جنهن سبب سوين ڳوٺاڻا پاڻي ڊڪ لاءِ پريشان آهن ۽ سخت گرمي ۾ بي حال بڻيل آهن هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ واپڊا جي نااهلي جي ڪري تارون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويون آهن هن چيو ته ڏوهارين رڻ ٻاري ڏنو آهي هڪ مهيني ۾ خانپور فيڊر مان ٽيون ڀيرو تارون چوري ٿيون آهن چورن ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال ڪري سڪون تباهه برباد ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته پوليس تارون چوري ڪندڙ گروهه کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪا به زحمت ناهي ڪئي جڏهن ته بجلي بند هجڻ ڪري پريشاني جو شڪار ٿي آهيون هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بجلي جون تارون لڳائي ڳوٺن جي بجلي فراهمي يقيني بڻائي چورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 34 | اسپتال منتقل

ڪار ڊرائيور محمد حسن آريسر زخمي ٿي پيا ، اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي اسپتال پهچايو ، جتي عورت زخمي جي حالت ڳنڀير ٻڌائي وئي ، حادثي ۾ شڪار ٿيل موٽر سائيڪل سوار جهڙ موري ۽ ڪار سوار ٽنڊوالهيار جا رهواسي ٻڌايا ويا.

بقايا 35 | شٽربند هڙتال

ڪئي، ضلعي سجاول جي ڪاروباري مرڪز شهر چوهڙجمالي ۾ پڻ پيٽرول مصنوعات ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف واپاري ايسوسي ايشن جي سڏ تي مڪمل شٽربند هڙتال ڪئي وئي، واپارين جي هڙتال جي سڏ تي صبح کان ئي شهر جا ڪاروباري مرڪز بند رهيا ۽ ڪلاڊ مارڪيٽ حيدري چوڪ شاهي بازار ڊاڪٽر گلي شاهه بندر چوڪ سميت سمورن علائقن ۾ ڪاروباري سرگرميون معطل رهيون ان موقعي تي واپارين جي سرپرست حاجي محمد امين ميمڻ، حاجي صديق نوراني ۽ شڪيل کٽي جي اڳواڻي ۾ چوهڙجمالي پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي حڪومت خلاف سخت تعريبازي ڪئي وئي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي جو مطالبو ڪيو ويو واپاري اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته جن ملڪن ۾ جنگيون هلن پيون اتي تيل جا اگهه گهٽ آهن باقي هڪ آڌ وٺي اسان جي معيشت ۽ ملڪ کي ڪوڪلو ڪرڻ ٽوڙي غريب عوام کي تباهه ڪرڻ لاءِ پيٽرول بم هنيو ويو آهي جيڪو ناقابل برداشت آهي، تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته فوري طور تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي آڻي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 36 | احتجاج

ڪيل واڌ سبب، جتي ٽرانسپورٽرن کي وڏو نقصان پهتو آهي اتي لوڪل گاڏي وارن کي ڪافي نقصان پهتو آهي، هنن چيو ته ٽاٽر آئل سميت گاڏين جو اسپئر پارٽس ڪافي مهانگو ٿي ويو آهي ،گاڏين جا خرچ وڌي ويا آهن اسان کي، بچت بجاءِ نقصان ٿي رهيو آهي مظاهرين چيو ته وڌيل تيل جي حساب سان ڪرايو نه مليو ته اسين گاڏيون بيهارڻ تي مجبور ٿينداسين.

بقايا 37 | احتجاج

اڳواڻن ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم کاتي سنڌ پاران آءِ بي اي جي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ بي ايس ٽي اميدوارن کي آفر آرڊر نه پيا ڏنا وڃن جڏهن ته سنڌ جي ڪجهه ضلعن ۾ آرڊر ڏنا ويا پر خيرپور ۾ آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا هنن چيو ته اسان مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون مظاهرين چيو ته سموري سنڌ اندر جعلي ڊگرين تي آرڊر ڏنا ويا آهن حڪومت پاران جعلي ڊگريون ۽ جعلي آرڊر جي ويريفڪيشن ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي پر اهو عمل خيرپور ۾ شروع ناهي ٿي سگهيو مظاهرين چيو ته مسلسل 4 سالن کان اسان کي آسرا ڏنا پيا وڃن ٽيسٽ پاس ڪرڻ جي باوجود اسان بيروزگار ويٺل آهيون جيڪا سراسر زيادتي ۽ نااانصافي آهي مظاهرين سنڌ جي وڏي وزير، تعليم کاتي جي وزير سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽس وٺي اميدوارن کي آرڊر ڏئي پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪرائي وڃي.

بقايا 38 | احتجاجي مظاهرو

جو ميمبر ايڊووڪيٽ سيد جعفر علي شاهه، ايڊووڪيٽ محمد جمن سهتو، سجاد سولنگي، علي احمد ٿئيم ۽ سهيل رضا شاهه ۽ ٻيا وڪيل ڪري رهيا هئا ان موقعي تي وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت رات جي اونداهيءَ ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ ٻيهر ڳاٽي ٽوڙ واڌ ڪري عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو آهي هنن چيو ته پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ سبب عام واهپي جي استعمال ٿيندڙ شين جا اگهه به وڌي ويا آهن جنهن ڪري عام ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي حڪومت مُسلسل پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کي معاشي دٻاءَ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي ۽ هٿرادو مهانگائي وڌائي وئي آهي عالمي حالتن، جهڙوڪ آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ تڪرار جي جواز بڻائي مهانگائي ڪئي پئي وڃي وڪيلن وزيراعظم پاڪستان ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پيٽرول جي اگهن ۾ ڪيل واڌ فوري طور واپس وٺي عوام دوست پاليسي اختيار ڪئي وڃي ته جيئن عوام سکون جو ساهه کڻي سگهي.

بقايا 39 | دعوى

گهربل هو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ اها ڳالهه ٻڌائي تفصيل موجب، ايس ايچ او اڪنامڪ زون ۽ سندس ٽيم گشت دوران ڏاڪيلن سان مقابلو ڪيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڏاڪيل محمد رفيق پٽي جي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي ٻڌايو ته گرفتار ٿيل ڏاڪيل ڪيترن ئي سنگين ڏوهن ۾ ملوث هو ۽ پوليس کي گهڻو وقت کان گهربل هو زخمي ڏاڪيل کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو سندس قبضي مان پستول ۽ گوليون به هٿ ڪيون ويون. هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار ڏاڪيل جو ٻين ضلعن مان به ڪرمنل رڪارڊ گهرائڻ جي ڪاروائي جاري آهي ۽ وڌيڪ پڇاڳاڇا ڪئي پئي وڃي واقعي دوران گرفتار ٿيل ڏاڪيل جا ٻي ساٿي فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي. واضح رهي ته گذريل چئن ڏينهن دوران پنج ڏاڪيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا آهن. ايس ايس پي چيو ته ضلعي مان ڏاڪيل ٽولين جو خاتمو ڪري خيرپور کي پرامن ضلعو بڻايو ويندو.

بقايا 40 | پروگرام منعقد

عورتن شرڪت ڪئي، ٽنگرپارڪر جي ايم پي اي قاسم سراج سومرو خطاب ڪندي چيو ته ٽنگرپارڪر ۾ سنڌ گورنمينٽ طرفان ڪافي سهوليتون ڏنيون ويون آهن، هن چيو ته سنڌ گورنمينٽ ٽنگرپارڪر ۾ اربين روپين جي لاڳت سان ڊيم ٺهرايا آهن جنهن جو فائدو ٽنگرپارڪر جي عوام کي ٿي رهيو آهي جنهن سان ڪافي حد تائين غربت ۽ لڏپلاڻ ۾ ڪمي آئي آهي، هن چيو ته سنڌ گورنمينٽ روزگار جا ذريعا مهيا ڪيا آهن، هن چيو ته ٽنگرپارڪر ۾ ٿيندڙ خودڪشين جا مختلف سبب آهن جنهن ۾ عدم برداشت هڪ وڏو ڪارڻ آهي،ننڍي ننڍي ڳالهه تي اسان جي معاشري جو نوجوان جذباتي ٿيندو وڃي ٿو پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ بجاءِ هڪٻئي کان الڳ ٿي ويا آهن، هن چيو ته اڳ ۾ صحت جون سرگرميون ٿينديون هيون اهي هاڻ ختم ٿينديون پيون وڃن، لوڪل سطح تي ڪميونٽي جا پروگرام ٿيندا هئا جنهن ۾ هڪٻئي کان حال احوال ورتا ويندا هئا اسان جي معاشري ۾ ويڇا وڌندا پيا وڃن هن خطاب ڪندي چيو ته هر ڳوٺ ڳوٺ ۾ جيئرمين، ميمبرن، ڳوٺ چڱن مؤسن کي گهرجي ته سڀ گڏجي عام ماڻهن سان ملن ۽ انهن جا مسئلا ٻڌن ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، هن چيو ته اسان سنڌ گورنمينٽ ۽ سنڌ اينٽگريٽيڊ ۽ امرجنسي هيلٿ سروسز جي تعاون سان ٽنگرپارڪر ۾ خودڪشيون روڪڻ لاءِ ڪم شروع ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ ٽنگرپارڪر ۾ ڪم ڪندڙ ادارن جي ملازمن کي خودڪشيون روڪڻ لاءِ ٽريننگس ڪرايون وينديون، اسڪول جي شاگردن توڙي استادن کي اوئيرنيس سيشن ڏنا ويندا. هن چيو اسان سڀني گڏجي خودڪشيون روڪڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪنداسين، هن چيو ته نفسياتي ماهر ڊاڪٽر مقرر ڪيا پيا وڃن جيڪي ماڻهن جو معائنو ڪري سندن علاج ڪندا. هن چيو ته خودڪشين سان اسان جي ٿرپارڪر جو اميج دنيا آڏو سٺو نٿو وڃي، هن چيو ته اسان سڀني مختلف مڪتبه فڪر جا گڏجي خودڪشين کي روڪن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي، هن چيو ته ٽنگرپارڪر ۾ ٿيندڙ خودڪشين جي تحقيقات ڪرائي ويندي، صوبائي صلاحڪار ويرجي ڪولهي ڳالهائيندي چيو ته خودڪشي هڪ عجيب قسم جو اشو آهي، ٽنگرپارڪر ۾ جيڪي به خودڪشيون ٿيون آهن ان ۾ 70 سيڪڙو منهنجي ڪولهي برادري ۾ ٿين پيون، انهن خودڪشين ۾ به 70 سيڪڙو تعداد عورتن جو آهي هن چيو ته پراڻي دؤر ۾ جڏهن اسان ڪان ڪي ماڻهون ڪري ڪون سمجهيو ويندو هو اسان کي ڪڏ ڪائي پيئڻ کي عيب سمجهيو ويندو شعور نه ڪاڏي پيئي جي سهوليت ۽ روزگار جا ذريعا به موجود نه هئا هي ان دؤر ۾ به اسان جي ماڻهن خودڪشي ڪون ڪئي جڏهن ڪاڏي پيئي جي سهوليت نه هئي تڏهن به اسان جي قوم جا ماڻهن خودڪشي نه ڪئي، هن چيو ته خودڪشي جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ جامع تحقيقات ٿين گهرجي، ان تحقيقات کانسواءِ خودڪشيون رڪجي نٿيون سگهن. ويرجي چيو ته ڪچو شراب خودڪشي جو سبب ناهي، ڪچي شراب جو تالو ڪولهي وسڪي آهي جيڪا اسان صدين کان پيئندا اچون تڏهن ته ڪولهين خودڪشي نه ڪئي ڊاڪٽر سيد زهرا شاهه ڳالهائيندي چيو ته ٿرپارڪر ۾ سڀ کان وڌيڪ خودڪشيون ٽنگرپارڪر ۾ ٿين ٿيون هن چيو ته نفسياتي صحت ۽ خودڪشين جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، ان ڪري اسان خودڪشيون روڪڻ لاءِ نفسياتي ماهرن جو خدمتون حاصل ڪري ماڻهن ۾ زندگي جي اميد جاڳائڻ لاءِ ڪوششون ڪنداسين.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل — جنگ خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿيڻ جا امڪان! صفحو 4

محمود شام — اولهه ناڪام، اوڀر لاءِ اميدون! صفحو 4

سنڌ جي عوام پاران تيل اگهن ۾ واڌ تي ردعمل — ايڊووڪيٽ عبيدالله چنا صفحو 4

مسعود احمد خاصخيلي — تعليم ۽ سکڻ جو نظريو! صفحو 4

پ پ ۽ نواز سرڪار گڏجي وسيلي سنڌ جا معدني وسيلا اٿارٽي جوڙي ڌارين حوالي ڪيا: زين شاهه

تيل جون قيمتون وڌائي عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو ويو آهي، ڪرپشن عوام کي ڪنگال ڪري ماني کان محروم ڪيو ويو آهي

حڪومت تيل جو اگهه وڌائي 160 رپيا وڌيڪ ٽيڪس وٺي رهي آهي عوام مٿان بم ڪيرايو ويو آهي انهن مان خطرا آهن

آئين ۾ ناجائز ترميمون ڪيون آهن ان لاءِ ٻاهر نڪري آگاهي ڏيڻ لاءِ پهتا آهيون: شهدادڪوٽ ڪوڙو موڙو چوڪ تي عوامي جلسي کي خطاب

شهدادڪوٽ (نمائندو) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي چيئرمين سيد زين شاهه چيو آهي ته پ پ پ ۽ نواز سرڪار گڏجي وسيلي سنڌ جي زمين پاڻي معدني وسيلا اٿارٽي جوڙي چونڊيل نمائندن ذريعي ڌارين حوالي ڪيا ويا آهن، تيل جون قيمتون وڌائي عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو ويو آهي. رات دير سان ڪوڙو موڙو چوڪ تي عوامي جلسي کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته حڪمرانن جي شاهه خرچن ۽ ڪرپشن عوام کي ڪنگال ڪري ماني کان محروم ڪيو ويو آهي. سنڌ جون زمينون معدني وسيلا اٿارٽيون ٺاهي قومي صوبائي ميمبرن سنڌ جون زمينون دريا پاڻي ڪياٽي آئين کان مٿانهون قدم کڻي لکي ڏنو آهي. رابطا مهم جي سلسلي ۾ وڌيڪ چيو ته پ پ ۽ ن ليگ جي گڏ جوڙ آهي انهن مان خطرا آهن حڪومت تيل جو اگهه وڌائي 160 رپيا وڌيڪ ٽيڪس وٺي رهي آهي عوام مٿان بم ڪيرايو ويو آهي. آئين ۾ ناجائز ترميمون ڪيون آهن ان لاءِ ٻاهر نڪري آگاهي ڏيڻ لاءِ پهتا آهيون. ان موقعي تي مير آزاد پنهور، روشن برڙو، آصف مگسي، رميز تنيو، الله داد ۽ ٻين خطاب ڪيو.

عمرڪوٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي منعقد ورسي تقريب جو ڏيک

پيٽرول جا وڌايل اگهه هڪ دم واپس وٺي مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي: ناظم آرائين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جميعت علماءِ پاڪستان (نوراني گروپ) حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ پيٽرول جا وڌايل اگهه هڪ دم واپس وٺي مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي. ان سلسلي ۾ جي يو پي جي مرڪزي نائب صدر ناظم آرائين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته وزيراعظم پاڪستان في ليٽر 52 رپين جي اضافي بعد 137 رپين جو وڌيڪ اضافو ڪري 80 رپيا ليٽر گهٽائڻ عوام کي بيوقوف ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي.

پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ تاريخي واڌ خلاف سجاول ضلعي ۾ ڀرپور شٽربند هڙتال

شهر جون بازارون ڪلاٿ مارڪيٽ، ڪرياني اسٽور، پان شاپس، ملڪ شاپس ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا

واپارين جي گڏيل احتجاج سبب روزمره جي خريداري لاءِ ايندڙ شهرين کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو، ٽريفڪ معمول کان گهٽ حد تائين گهٽ رهي

حافظ رياض ميمڻ جي اڳواڻي ۾ فاروق اعظم چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ بي قابو واڌ نه رڳو واپارين پر عام ماڻهن جي به زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي، گهٽتائي آڻي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي

سجاول (رپورٽ: هدايت ڪلتي) پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ تاريخي اضافي خلاف سجاول ضلعي ۾ هڙتال جي سڏ تي شهر جي بازارن ۾ ڪلاٿ مارڪيٽ، ڪرياني اسٽور، پان شاپس، ملڪ شاپس ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا. واپارين جي هن گڏيل احتجاج سبب روزمره جي خريداري لاءِ ايندڙ شهرين کي به ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته ٽريفڪ به معمول کان گهٽ حد تائين گهٽ رهي. ان سلسلي ۾ انجمن تاجران ضلع سجاول جي صدر حافظ رياض ميمڻ جي اڳواڻي ۾ فاروق اعظم چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ واپارين، شهرين ۽ مختلف تنظيمن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي دوران مظاهرين حڪومت جي پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي.

احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ بي قابو واڌ نه رڳو واپارين پر عام ماڻهن جي به زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. هنن چيو ته ٽرانسپورٽ خرچ وڌڻ سبب کاڌي پيتي سميت هر شيءِ جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ گذر سفر ڪرڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته حڪومت پاران بار بار اگهن ۾ واڌ عوام سان ناانصافي آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هنن حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

ويندو هڙتال دوران امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ پوليس ۽ انتظاميه الرٽ رهي، جڏهن ته ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي جي اطلاع نه ملي. واپارين جي هن گڏيل ۽ منظم احتجاج کي شهر ۾ وڏي اهميت ڏني پئي وڃي ۽ ان کي حڪومت لاءِ هڪ واضح پيغام قرار ڏنو پيو وڃي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف آهي. ٻئي طرف سجاول-ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي ٽريفڪ معطل رهي. احتجاج ڪندڙن حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ فوري طور گهٽتائي آڻي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

حيدرآباد آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

حيدرآباد ۾ عورت ۽ مرد اميدوارن پاران آڇر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

280 ڏينهن تي ٻڌل جدوجهد تي سنڌ حڪومت ڪو به ڌيان نه ڏنو آهي: اڳواڻ

سنڌ حڪومت جو ڪو به ذميوار نمائندو سنجيدگي سان ڳالهائڻ لاءِ اڳتي ناهي آيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سال 2021 ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ميل ۽ فيميل ٽيچر اميدوارن جي 280 ڏينهن تي ٻڌل جدوجهد تي سنڌ حڪومت ڪو به ڌيان نه ڏنو آهي جنهن سبب ڪالهه ماستري جي عورت ۽ مرد اميدوارن آڇر آرڊر نه ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڊاڪٽر عارف ڪليڙي، ظهير لغاري، فهد شيخ، سيمه، ذاڪر علي، سونيا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. جو ڪو به ذميوار نمائندو سنجيدگي سان ڳالهائڻ لاءِ اڳتي ناهي آيو. هنن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب سامهون اسان جي احتجاجي ڪئمپ به سنڌ سرڪار عيد جي ڏينهن زبردستي پڊرائي احتجاج ختم ڪرايو، تشدد ۽ گرفتارين باوجود اسان جو حوصلو ٽٽڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي.

عمرڪوٽ ۾ قائد عوام سادگي ۽ عقيدت احترام سان تقريب ملهائي وئي

عمرڪوٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي منعقد ورسي تقريب جو ڏيک

جيلاني هائوس خيرپور ۾ شهيد ڀٽو جي ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي

شهيد ڀٽو جي زندگي، سياسي جدوجهد ۽ جمهوريت لاءِ ڏنل قربانين کي ڀيٽا پيش

ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي سياست ۾ هڪ اهم حيثيت رکندا هئا: نفيسه شاهه

شهيد ڀٽو جي 47هين ورسي بچاڻي هائوس ٽنڊوالهيار ۾ ملهائي وئي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوامي ليڊر هو، ملڪ کي ايٽمي طاقت ڏني: عاجز ڌامراهه

رئيس غلام قادر مري جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

گوٺ دريا خان مري ۾ سنڌس پائڻ، پائيٽي، پوٽي سان تعزيت جاري

صوبائي وزير علي حسن زرداري، عاجز ڌامراهه، منور ٽالپر، ذوالفقار شاهه پهتا

خيرپور پوليس جو ڌاڙيل گروهه سان مقابلو هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

سکر ۾ ايس يو پي پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج

ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ مهانگائي جو ڪفن پائي علامتي بک هڙتال ڪئي

قيمتن ۾ واڌ جي ڪري مهانگائي جو جن بي قابو ٿي ويو آهي: اڳواڻ

سکر ايس يو پي پاران پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه هري رام ڪشوري لال ذوالفقار بچاڻي ۽ ٻيا مري هائوس تي تعزيت ڪندي

سکر ۾ تيل جي قيمتن ۾ هٿرادو واڌ ۽ ايران مٿان مڙهيل جنگ خلاف احتجاجي ريلي، ڌرڻو

عوامي تحريڪ ضلعي پاران شهر جي تير چوڪ کان گهنٽا گهر تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

پاڪستان سرڪار پيٽرول جو اگهه 463 رپيا ۽ ڊيزل 520 رپيا في ليٽر ڪري ملڪ جي عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرايو آهي: نور احمد ڪاتيار

حڪمرانن جي پنهنجي ئي عوام سان جنگ آهي، تيل جي قيمتن ۾ واڌ سبب روزمره جي استعمال جي شين سميت هر شيءِ مهانگي ٿي وئي آهي: سرواڻ جتوئي

زلزلا اچن، ٻوڏون هجن، ڪرونا هجي يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ جنگ، حڪمرانن هر آفت کي ڪمائي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي: شمشاد ڀٽو

خيرپور ۾ چڪن پوڪس جي بيماري منهن ڪڍيو آهي: ڪمشنر سکر

خيرپور ۾ 16 ڪيس سامهون آيا آهن، ٻار مختلف اسپتالن ۾ داخل آهن

70 کان وڌيڪ ٻارڙا مختلف اسپتالن ۾ ارڙي جي بيماري ۾ مبتلا آهن

سينيٽر عابد شير علي جي گورنر سنڌ سان ملاقات

ڪليري برادري جي ماڻهن پاران پوليس ۽ بااثرن جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو

گوٺ مرزا ڪليري جي رهواسين حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٽنڊوڄام پوليس اسان جي عقيل ڪليري کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي: ڪاظم ڪليري

خيرپور ۾ نوجوان تي لوهي سرين سان حملو، ڦٽجي جرڪي حالت ۾ اسپتال منتقل

حيدرآباد ٽنڊوڄام جي رهواسي عورتون عظمت ڪليري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد عوامي ورڪرز پارٽي پاران پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو گهنور ۾ تيل اگهن ۾ واڌ خلاف پي ٽي آءِ جو احتجاج

مٽياري هاشمي گرائونڊ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي تقريب

پيپلزپارٽي ضلع مٽياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي تقريب منعقد ڪئي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم ليڊر هو: پير امير علي شاهه هاشمي

مٽياري پير امير علي شاهه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچيءَ ۾ سنڌي ملهه پهلوانن کي جاپان قونصليٽ ۾ آجياڻو ڏنو ويو

سنڌ مان ويل ملهه پهلوانن جي وفد جي وطن واپسيءَ تي آجياڻو ڏنو ويو

مون سون ۾ سيوريج جي مسئلن جي مستقل حل لاءِ آپريشن جاري

ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي غريب ۽ پسمانده طبقن کي سياسي شعور ۽ ٻولي ڏني: سعديه جاويد

راڌڻ ۾ ريلوي سيڪشن ايم ايل-2 تي ٽرينون بند ٿيڻ خلاف احتجاج

خيرپور ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ڪرڻ خلاف پنجگلا چوڪ تي احتجاج، سخت نعريبازي

وائيس آف خيرپور ۽ شهري اتحاد پاران پنجگلا چوڪ تي احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

وفاقي حڪومت پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪري عوام مٿان بم ڪيرائي ظلم ڪري ڇڏيو آهي: علي احمد ميمڻ

پروهيٽ هڪ ويلو ماڻهو ڪاٺڻ لاءِ به پريشان ٿي ويو آهي وڌندڙ مهانگائي سبب ماڻهون خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿيل آهن

اسان کي شاهه احمد نوراني جي فڪر ۽ رهنمائي مان فائدو وٺڻ گهرجي: ابراهيم القادري

علامه شاهه احمد نوراني صديقي سياسي بصيرت، بردباري ۾ بي مثال هئا

اهڙي قيادت جي ضرورت آهي جيڪا امت مسلمه کي چئلينجن مان ڪڍي سگهي

ٺٽي بولاخان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن ۽ مهانگائي خلاف ريلي

شهرين، واپارين، سماجي تنظيمن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

حڪومت جلد تيل جا اگهه گهٽائي عوام کي جيئڻ جو حق ڏي: اڳواڻ

ٿاڻو بولا خان واپاري ۽ شهري تيل اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌ جي عوام پاران تيل اگهن ۾ واڌ تي ردعمل

ايڊووڪيٽ عبدالله چنڙ

هڪ طرف گهڻ رُخي مهانگائي اڳ ئي ماڻهن جون متيون ئي منجهائي ڇڏيون آهن، مٿان وري روزانو حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جون رقمون وڌائي اجان وڌيڪ عوام کان جيئڻ جو حق کسيو پيو وڃي. گذريل ٽي ڏينهن پهريان وفاقي حڪومت ملڪ اندر هڪ ئي ڌڪ ۾ تيل ايترو ته مهانگو ڪري ڇڏيو جو عقلمندن جون وايون بتال ٿي چڪيون آهن پر جيڪي نادان ۽ عقل کان محروم ماڻهو آهن، سي به اهڙي اعلان کي رد ڪرڻ ڪاڻ رڙيون ڪندي نظر پيا اچن. آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ ٿيندڙ جنگ توڙي پاڪستان ۽ افغانستان درميان هلندڙ ڇڪتاڻ جو حڪومت طرفان جواز ڄاڻائي تازو تيل جي رقم وڌائڻ وارو بم ڪيرايو ويو آهي. تازو ٿيل اعلان ڪانپوءِ هن وقت پيٽرول في ليٽر 137 وڌائڻ بعد 57 روپين جي اضافي ڪانپوءِ نئين قيمت 378 روپيا چاليهه پئسا ۽ ڊيزل جو نئون اگهه 520 روپيه مقرر ڪيو ويو آهي. ملڪ اندر ڪجهه ڏينهن پهريان 55 روپيا تيل جي قيمتن ۾ اضافي وارو اعلان ٿيڻ بعد به هڪ ممڻ مچايو ويو هو جنهن احتجاج به ٿيندي ڏٺا پئي ويا پر انهيءَ اعلان ڪانپوءِ ۽ عوامي ردعمل سامهون اچڻ بعد وفاقي حڪومت ملڪ اندر سمارٽ لاڪ ڊائون جو اشارو ڏئي عوام کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ٻن ڏينهن جي وقفي کان پوءِ صدرِ پاڪستان ملڪ جون معاشي حالتون سامهون رکڻ ڪانپوءِ سمارٽ لاڪ ڊائون جي تجويز کي رد ڪيو ۽ ايندڙ يا ٻئي ڏينهن وفاقي حڪومت اهڙو عوام دشمن فيصلو ڏئي نه رڳو غربت جي چڪي ۾ پيسجندڙ عوام پر گهڻ رُخين مسئلن جي ماريل ماڻهن مٿان اهو بم ڪيرائي تاريخ جو بدترين عمل مثال طور آندو آهي، جنهن کي ڪڏهن به نه ٿو وساري سگهجي. مذڪوره ملڪن اندر هلندڙ جنگي ڇڪتاڻ ڪانپوءِ يقيناً پاڪستان جون حالتون ضرور ڳنڀيون جوڳيون آهن پر وفاقي حڪومت کي اها به خبر آهي ته گذريل 2010ع کان اڄ تائين ملڪ جي چئني صوبن اندر کهڙيون ڳنڀير حالتون موجود آهن. اڄ انهن ڳنڀير حالتن کي سڌارڻ بجاءِ اڄوڪي وفاقي حڪومت خبر ناهي ته عوام کان کهڙو وير وٺي رهي آهي. هتي جيڪڏهن تازو لڳل فصل ڪڻڪ جو ذڪر ڪجي ته اتي نه رڳو آبادگارن کي بارداني نه ڏئي زيادتي ڪئي پئي وڃي پر ساڳئي وقت پنجاب ۽ سنڌ مان ڪڻڪ ٻين ملڪن ۽ صوبن ڏانهن چور دروازي اسمگلنگ ٿئي پئي ۽ جنهن صوبي مان چور دروازي اهڙي ڪڻڪ جي روانگي آهي، اُتي جون حالتون اِهي آهن جو ماڻهو به ويلا ماني به نه ٿو ڪائي سگهي، ساڳئي وقت جيڪڏهن سنڌ اندر خوراڪ کاتي جي ڪارڪردگيءَ جو ذڪر ڪجي ته يقيناً پڙهندي ۽ پڙهندي جيءَ به جهري ٿو پوي. اڄ سنڌ جا مسڪين ماڻهو جيڪي هر وقت ماني کائڻ کان لاچار بڻيل آهن، وري انهيءَ ڪڻڪ جي گودامن مان هزارين بورين بدبودار ٿي وڃڻ ڪانپوءِ گندگيءَ حوالي ڪيون وڃن ته پوءِ اهڙي کاتي جي ڪارڪردگي کهڙو ماتم ڪجي.

مون ويجهي ماضيءَ ۾ به اهو ئي واضح ڪيو هو ته اسان وٽ مهانگائيءَ جو وڏيڪ طوفان ان وقت برپا ٿئي ٿو جڏهن خاص طور تي حڪومت طرفان تيل جون هٿرادو رقمون وڌايون وينديون آهن. ڪجهه ڏينهن پهريان اهو به ٻڌو هيوسين ته دوائن جي رقمن ۾ اوچتو اضافو ڪيو ويو آهي. اهڙي اعلان ڪانپوءِ جيڪي دوائن تي هلندڙ مريض ماڻهو آهن سي ته اڃان وڌيڪ ڳنڀير حالت ۾ بيمار ٿيا هوندا. هونئن به گذريل 2019ع واري لاڪ ڊائون دوران جتي هيون مهانگائي واريون شيون آسمان تي پهتيون هيون، اُتي دوائن جون رقمون به جيئن جو تيئن وڌڻ ڪانپوءِ اڄ سوڌو گهٽجي ڪونه سگهيون، مٿان وري اچانڪ اچان وڌيڪ رقمون وڌايون ويون آهن. پاڻ هتي روزانو جي ڪاڌ خوراڪ جي شين جو جيڪڏهن تذڪرو ڪريون ته اٽو جيڪو 5 ڪلو ٿيلهو 200 روپين ۾ عام وڪرو ٿيندو هو سو اڄ 600 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. يقيناً اها رقم به انهيءَ سال 2019ع ۾ هن عوام مٿان مڙهي وئي هئي، جيڪا اڄ سوڌو قائم آهي. ملڪ جو سنڌ اهو واحد صوبو آهي، جيڪو نه رڳو گئس ذخيرن 180 مان 152 ڏئي ٿو اهڙي طرح جيڪڏهن تيل جو ذڪر ڪجي ته سنڌ مان 69 تيل جي ذخيرن مان 57 ذخيرا ڏجن ٿا پر پوءِ به اڄ حالت اِها آهي جو سنڌ جا اُهي هزارين قديمي ڳوٺ گئس جي سهولتن کان محروم آهن. ٽي ڏينهن اڳ وزيراعظم شهباز شريف پاران هڪ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي، جڏهن ميڊيا ذريعي سنڌ مان تيل جي اضافي قيمتن خلاف هڪ ڀرپور آواز اوچو ٿيو ته فورن هن پاران 137 روپين جي اضافي رقم کي گهٽائي هن وقت تازو 57 روپيه تيل جي قيمت ۾ وڌاءُ ڪيو ويو آهي. توهان کي ياد هوندو ته ٻه هفتا پهريان وفاقي حڪومت پاران 55 روپيه اچانڪ اضافو ڪيو ويو هو مجموعي طور ڏسجي ته گذريل چند ڏينهن ۾ حڪومت طرفان ٻن وقتن تي 112 روپين جو بم عوام مٿان ڪيرايو آهي. اهڙي ڪيل اعلان ڪانپوءِ يقيناً غربت جي چڪي ۾ پيسجندڙ ملڪ سميت سنڌ جو عوام انتهائي ڪاوڙ ۽ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال ۾ وڪوڙيل آهي ته آخر حڪومت ڇا چاهي ٿي؟ سنڌ ۾ قومپرست ڌرين سياسي، سماجي ۽ مذهبي ڌرين سميت سنڌ جي وڪيل برادريءَ طرفان تيل جي اضافي قيمتن خلاف ٽن ڏينهن تائين احتجاج جو سڏ ڏنو ويو هو. اهڙي ريت هنن حڪومتي اعلانن کي رد ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته حڪومت طرفان تيل جا وڌايل اضافي اعلان فورن واپس وٺي پراڻو اگهه بحال ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت ردعمل ڏنو ويندو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

> گِهڙِي گُهڙُو هَٽِ ڪَري، ٻوڙِيائِين ٻانهُون،
> وَيچَارِيءَ وَڏِيُون ڪَيُون، وِچَ دَرِياهَه ڏانهُون،
> مَوٽُ مُحِبَ پَانهُون، تاڪَنِ تَڪِي آهِيان.

(موٽ=پوئتي موٽ، واپس ٿيءُ، پر هتي "پهچ يا پهچڻ جي ڪر ٿيندي.")
(پاهون = پوئتي، پٺيان) (تاڪن= تاڙ ۾ ويٺل دشمن يا شڪاري جانور)
(تڪي = تاڙي ورتو آهي)

هن بيت ۾ لطيف سائين درياهه منجهه سهڻي جي ان مهل واري منظر جي ڪيفيت ٻڌائي ٿو جڏهن سهڻي جي گهر پاتين سنڌس تاڙ ڪندي پيچو ڪيو ۽ اهو معلوم ڪيائون ته هيءَ دِلي ذريعي درياهه پار ڪري پنهنجي محب ميهار سان ملڻ ويندي آ، تڏهن سنڌس ئي ڏيرياڻيءَ ان هنڌ ڪچو يا پيلو دلو رکي آئي، جيڪو پاڻيءَ ۾ پُري ويو ته سهڻي ٻانهن وسيلي تري پار پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ ميهار کي سڏيندي چئيس پئي ته اي محب ميهار جلد پهچڻ جي ڪر تاڙ ۾ ويٺل دشمن پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. تون پهچڻ جي ڪر لطيف سائين هدايت ٿو ڪري ته توهان جي سڀ طرفي نظر هجڻ گهرجي، جو ته اها ماڻهوءَ جي نفسيات آهي ته هو ڪنهن ڪان خوش ناهن هوندا. ان ڪري سڀ طرفي نظر رکڻ ضروري آهي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اولهه ناڪام، اوڀر لاءِ اميدون!


محمود شام

ٽرمپ ۽ نيتن ياهو طرفان مڙهيل جنگ جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته اولهه جي قيادت ناڪام ٿي چڪي آهي جڏهن ته اوڀر جي قيادت جا امڪان ظاهر ٿيڻ لڳا آهن ايشيا ۾ نئين سياسي معاشي ۽ فوجي صف بندي جنم وٺندي هاڻي اسان کي سوچڻو پوندو ته پاڪستان اولهه سان گڏ بيهندو يا اوڀر سان قيادت جو بحران رڳو پاڪستان تائين محدود ناهي پر سڄي دنيا ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ڪري رهيو آهي ٽوئيٽر ذريعي حڪومتون تڪيون هلائي سگهجن مذاق بڻيل ماڻهو وڏين وڏين رياستن جي واڳ سنڀالي ويٺل آهن آمريڪا ڪڏهن جمهوريت جو علمبردار هوندو هو ۽ پنهنجا فيصلا ڪانگريس ۽ ايوان نمائندگان جي منظوريءَ سان ڪندو هو پر هاڻي مقامي هجن يا عالمي ادارا آمريڪي انتظاميه انهن سڀني کان معافين ٿي وئي آهي 3 هزار آمريڪي شهرن ۾ نعرا لڳي رهيا آهن ته 'بادشاهه نه گهرجي' ٽرمپ پاڻ کي بي تاج بادشاهه سمجهي ٿو هڪ ڏينهن آرمي چيف کي هٽايو وڃي ٿو ته ٻئي ڏينهن اٽارني جنرل کي هو بادشاهه آهي ۽ بادشاهن سان رابطو رکي ٿو جڏهن ته عوام جي چونڊيل نمائندن کي پسند نٿو ڪري.

مان تاريخ جو شاگرد آهيان، ٽنهنڪري بي ڌڙڪ چئي سگهان ٿو ته جيڪڏهن دنيا ۾ ڪٿي به نميوار حڪمران ۽ نظرياتي قيادت هجي ها ته نه ته آمريڪي صدر اسرائيلي وزيراعظم جي هٿان يرغمال بڻجي ها، نه ئي جنگ شروع ٿئي ها ۽ جيڪڏهن شروع به ٿئي ها ته ايتري ڊگهي نه ٿئي ها عالمي ماهر حيران آهن ته هن جنگ جي حڪمت عملي ڇا هئي؟ ايران کان يهودي ۽ عيسائي ڇو ڊڄندا رهيا آهن؟ جنگ هاڻي هٿرادو ذهانت (اي آءِ) ذريعي وڙهي پئي وڃي ۽ جڏهن هٿرادو ذهانت هوندي ته قيادت به هٿرادو جنم وٺندي اهڙي قيادت اڪثريت جو احترام نٿي ڪري، ٽنهنڪري جنگ جو سڄو بار عوام تي وڌو پيو وڃي بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن واپاري مهانگائيءَ جو بار گراهڪن تي وجهي ڇڏيندا آهن گذيءَ وارن شهرن ۾ ويٺل حڪمران به اصل ۾ واپاري ئي آهن پاڪستان ۾ به پيٽرول ۽ ڊيزل جا خرچ عام ماڻهن تي وڌا ويا آهن جڏهن ته 47 سيڪڙو ماڻهو اڳ ئي غربت جي لڪير کان هيٺ آهن سڀني شين جون قيمتون وڌي ويون آهن اندازو آهي ته پيٽرول جي قيمت وڌڻ سان حڪومت کي روزانو 4 کان 5 ارب رپيا اضافي آمدني ٿيندي معيشت جا ماهر ئي ٻڌائي سگهن ٿا ته حڪومت جو روزانو خرچ ڪيترو آهي؟ پر اهو واضح آهي ته غريب ماڻهن سان ظلم ٿي رهيو آهي ملڪ جا سرمائيدار، جاگيردار ۽ سردار حڪمران پنهنجن ماڻهن جي اڪثريت سان همدردي نٿا رکن قيمتون وڌڻ ڪانپوءِ حڪمران مختلف اسڪيمن ذريعي نوجوانن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪا رڳو اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ برابر آهي جو ته پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان سڀ شيون مهانگيون ٿي وڃن آهن جڏهن ته آمدني ساڳي ئي هوندي آهي حڪومت واپارين کي به روڪي نٿي سگهي، جو ته حڪومت پاڻ به واپارين جي آهي

آمريڪي صدر جي هڪ تقرير سان اسٽاڪ ايڪسچينج ڪري پئي آهي تيل جون قيمتون وڌي ويون وائيٽ هائوس ڪڏهن به دنيا سان ايتري دشمني نه ڪئي هئي جيئن هاڻي پيو وڃي ته ٽرمپ جنگ بندي چاهي ٿو پر اسرائيل ڪيس روڪي ڇڏيو آهي ٽرمپ ۽ اسرائيل وچ ۾ ڪهڙو سودو ٿيو؟ اهو دير سان ئي صحيح سامهون ايندو آمريڪي ووٽر پريشان آهن ته هنن ڪهڙي ماڻهوءَ کي اقتدار ۾ آندو ايندڙ چونڊن ۾ ٽرمپ جي پارٽيءَ لاءِ حالتون سازگار ناهن ساڳي طرح نيتن ياهو به ايندڙ چونڊون کٽي نه سگهندو ايران ۾ ويجهي وقت ۾ چونڊن جا امڪان ناهن

هاڻي هن جنگ جا ممڪن نتيجا هيءَ ٿي سگهن ٿا:
(1) آمريڪا ۽ يورپ ۾ فاصلا وڌي ويا آهن
(2) يورپي عوام اسرائيل کي جنگ جو ذميوار سمجهي ٿو
(3) آمريڪا ۾ صدر خلاف مواخذو ٿي سگهي ٿو
(4) گڏيل قومون ڪمزور نظر اچي رهيون آهن
(5) چين ۽ روس کي هن جنگ مان فائدو ٿي سگهي ٿو
(6) پاڪستان تي ٽيڪسن جو بار وڌي سگهي ٿو ۽ قرض وڌندا
(7) متبادل توانائي تي ڪم تيزيءَ سان ٿيندو
(8) افغانستان بابت هاڻي چين جو اثر وڌندو
(9) روس ۽ چين ايشيا ۾ نئين صف بندي ڪري سگهن ٿا
(10) او آءِ سي غيرفعال ٿي چڪي آهي
(11) نئن ملڪ گڏيل دفاعي نظام ناهي سگهن ٿا
(12) آمريڪا نيٽو مان نڪري سگهي ٿو، جنهن سان نيٽو ڪمزور ٿيندو

28 فيبروري 2026ع کان شروع ٿيل هن جنگ ۾ سڀ کان وڏو نقصان جمهوري ادارن جو ٿيو آهي، جڏهن ته غير جمهوري قوتن کي طاقت ملي آهي معيشت به سخت متاثر ٿي آهي ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا به متاثر ٿي آهي ايندڙ وقت ۾ نوان سياسي بلاڪ، فوجي اتحاد، ٽيڪنالاجي تعاون ۽ معاشي معاهدا سامهون اچي سگهن ٿا. عالمي ادارا غير موثر ٿي رهيا آهن، ٽنهنڪري تعليمي ادارن جي اهميت وڌندي، نوجوان نسل سوشل ميڊيا ذريعي وڌيڪ ڳنڍجي ويندي ۽ سرحدن کان مٿانهون نيون تنظيمون به ٺهي سگهن ٿيون.

اولهه ۾ قيادت پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺي آهي جڏهن ته اوڀر لاءِ هاڻي وڏا موقعا موجود آهن ايران جي مزاحمت ڪيس قيادت جو ڪردار ڏئي رهي آهي جيڪڏهن ايشيا جون قيادتون پنهنجن عوام تي ڀروسو ڪري پنهنجا فيصلا ڪن ته نوان ايشيائي اتحاد اولهه تي ڪنٽرول حاصل ڪري سگهن ٿا.

تعليم ۽ سکڻ جو نظريو!

مسعود احمد خاصخيلي

روايتي تعليم جو فلسفو اهڙو فلسفو يا تصور آهي جيڪو هر شاگرد جو بنيادي وسيلو بڻجندو آهي علم حاصل ڪرڻ جو علم جي ميدان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ جتي شاگردن کي چپ رهڻ سيکاريو ويندو آهي انهن کي سوال اٿارڻ، تنقيد ڪرڻ يا پنهنجا خيال استاد تائين پهچائڻ جو اختيار نه هجڻ جي برابر هوندو آهي هن طريقيڪار سان شاگردن کي صرف رٽيل ۽ نظرياتي بنياد وارو مواد آٿي اچي پڙهايو ويندو آهي جڏهن ته ان جو حقيقي مثال يا استعمال ڪڏهن به ناهي سيکاريو ويندو اهڙا نظريا، فلسفا يا تعليم جا طريقا شاگردن کي صرف قول جا قاعل بڻائيندا آهن انهن کي عقيدن جا پابند ۽ پختا بڻائيندا آهن جڏهن ته انهن جو فعل بلڪل نه هئڻ جي حيثيت سان ڏنو ويندو اهڙن ئي نظرين کي رد ڪرڻ جي لاءِ 20هين صديءَ ۾ هڪ ماهر تعليم سيلسٽن فرائينيٽ پنهنجو هڪ نظريو ڏنو جيڪو هن نظريي کان بلڪل ابتڙ ۽ علم جي لاءِ هڪ بهترين ذريعو ثابت ٿيو، جنهن جو بنياد حقيقي دنيا ۾ علم، قول ۽ فعل جي استعمال تي هو.

تعليم جي بدلجندڙ دنيا ۾ جڏهن به اهڙي فڪر جي ڳولا ڪئي وڃي ٿي جيڪا انسان کي صرف ڪتابي ڄاڻ تائين محدود نه رکي پر کيس باشعور، تنقيدي ۽ سماجي طور ذميوار بڻائي تڏهن هن جو پيش ڪيل سيلسٽين ماڊل آف لرننگ انتهائي اهميت سان سامهون اچي ٿو اهو ماڊل نه صرف هڪ تدريسي طريقو آهي پر هڪ مڪمل تعليمي فلسفو آهي جيڪو تنقيدي تدريس (Critical Pedagogy) جي روح سان جڙيل آهي اهو ئي فڪر، جنهن کي Paulo Freire علمي سطح تي فڪري قوت عطا ڪئي اهو ماڊل روايتي تعليم جي ان فڪر کي ٽوڙي ٿو، جتي شاگردن کي خاموش ويهاري صرف معلومات منتقل ڪئي وينديون آهي ۽ ان جي جاءِ تي سکيا کي هڪ جيئري، شعوري ۽ بامقصد عمل بڻائي ٿو تاريخي پسمنظر ۾ فرئينيٽ جو تعليمي سفر انهن حالتن مان جنم وٺي ٿو، جتي اسڪولن ۾ رٽا هڻڻ انڌي اطاعت ۽ استاد مرڪز نظام غالب هو پهرين عالمي جنگ کان پوءِ جڏهن سيلسٽين استاد طور ڪم شروع ڪيو ته هن محسوس ڪيو ته اهڙو نظام شاگردن جي فطري تجسس، تخليقيت ۽ آزاديءَ کي دٻائي رهيو آهي هن ان خلاف هڪ عملي تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ سکيا کي زندگيءَ سان ڳنڍيو ويو، جتي ٻار صرف ٻڌڻ وارا نه پر عمل ڪرڻ، محسوس ڪرڻ ۽ اظهار ڪرڻ وارا بڻجن ساڳئي فڪري لهر کي اڳتي وڌائيندي تعليم کي آزاديءَ جو اوزار بڻايو ۽ (banking model of education) جي مخالفت ڪندي سکيا کي مڪالماتي ۽ شعوري عمل قرار ڏنو مطلب ته سکڻ صرف رٽيبازي جو نالو ناهي پر اهو عمل آهي جنهن ذريعي اسين حقيقي

دنيا ۾ ان علم جو مقصد ڳولي سگهون ٿا هيءَ هڪ اهڙو تعليمي نظام آهي جيڪو شاگردن جي تجربي، آزاديءَ، تخليق ۽ سماجي شعور کي مرڪز بڻائي ٿو هن ماڊل ۾ سکيا ڪا جامد شيءِ نه رهي ٿي پر هڪ مسلسل وهندڙ عمل بڻجي وڃي ٿي جنهن ۾ شاگرد پنهنجي ماحول، تجربي ۽ گڏيل گفتگو ذريعي علم تخليق ڪن ٿا. هتي استاد حڪم ڏيندڙ نه پر هڪ ساٿي رهنما ۽ سکيا جي عمل جو حصيدار هوندو آهي هن ماڊل جي اهميت اڄ جي دور ۾ انتهائي گهري آهي خاص طور تي اهڙي سماج ۾ جتي تعليم اڃا تائين امتحانن نمبرن ۽ رٽا تائين محدود آهي سيلسٽين ماڊل شاگردن کي صرف ڄاڻ ڏيڻ بدران، ڪين سوچڻ سوال ڪرڻ ۽ دليل ڏيڻ سيکاري ٿو اهو شاگردن ۾ خود اعتمادي، اظهار جي جرئت ۽ سماجي ذميواري پيدا ڪري ٿو اهڙي تعليم مان نڪرندڙ فرد رڳو روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي پر پنهنجي سماج ۾ تبديلي آڻڻ جي صلاحيت به رکي ٿو هن ماڊل جون خاصيتون انتهائي اهم ۽ عملي نوعيت جون آهن سڀ کان نمايان خاصيت زندگيءَ سان جڙيل سکيا آهي جتي تعليم ڪتابن جي حدن کان ٻاهر نڪري، حقيقي دنيا سان ڳنڍجي ٿي شاگرد پنهنجي تجربي مشاهدي ۽ عمل ذريعي سکندا آهن 'اظهار جي آزادي' هن ماڊل جي ٻي اهم خاصيت آهي جتي شاگردن کي پنهنجي خيالن کي بنا ڪنهن ڊپ جي پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو فرئينيٽ پاران متعارف ڪرايل (class printing press) جهڙا طريقا شاگردن جي تخليقيت کي اجاگر ڪن ٿا. 'گڏيل سکيا' به هن ماڊل جو بنيادي جزو آهي جتي مقابلي بدران تعاون، ڀائيواري ۽ گڏيل ترقيءَ تي زور ڏنو وڃي ٿو تعليمي پاسو سکيا کي فعال تخليقي ۽ شاگرد مرڪز بڻائي ٿو سماجي پاسو شاگردن کي پنهنجي ماحول ۽ سماج سان ڳنڍي ٿو جتي هو مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن تي سوچڻ ان جو مقصد اهو آهي ته شاگرد پنهنجي حالتن کي سمجهن سوال ڪن ۽ ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ جي همت پيدا ڪن اهڙي طرح تعليم رڳو سکيا نه رهي ٿي پر هڪ فڪري آزادي ۽ سماجي تبديليءَ جو ذريعو بڻجي وڃي ٿي آخرڪار، سيلسٽين ماڊل آف لرننگ هڪ اهڙو روشن فڪر آهي جيڪو تعليم کي زنده، متحرڪ ۽ انسان دوست بڻائي ٿو اڄ جي تيز رفتار ۽ پيچيده دنيا ۾ اهڙي تعليم ئي مستقبل کي سنواري سگهي ٿي جيڪا انسان کي پنهنجي ذات، سماج ۽ حقيقت سان ڳنڍي.

سومر 06 اپريل 2026ع

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جنگ - خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿيڻ جا امڪان!

موجوده عالمي صورتحال هڪ نئين ۽ خطرناڪ موڙ تي بيٺل نظر اچي ٿي، جتي آمريڪا جي اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران کي ڏنل الٽيميٽم جا آخري ڪلاڪ باقي وڃي رهيا آهن. خبرون ٻڌائن ٿيون ته اسرائيل ۽ آمريڪا وڏي فوجي حملي جي تيارين ۾ مصروف آهن. جنهن سان نه رڳو وچ اوڀر پر پوري دنيا ۾ بيچيني ۽ خدشن جي لهر پکڙجي وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا دنيا هڪ ٻي وڏي جنگ ڏانهن وڌي رهي آهي؟ ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو بيان هن صورتحال کي وڌيڪ سنجيده بڻائي ٿو. سندس چوڻ آهي ته جيڪڏهن ايران جي بوشهر ۾ موجود ايٽمي تنصيبات تي آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان حملو ڪيو ويو ته ان جا اثر صرف تهران تائين محدود نه رهندا، پر خليجي ملڪن جهڙوڪ ڪويت، بحرين ۽ قطر جي راڄڌانين تائين به پکڙجي سگهن ٿا. هن جي اها تنبيهه صرف فوجي خطري تائين محدود ناهي، پر انساني بقا ۽ ماحولياتي تباهيءَ جي وڏن خطرن ڏانهن پڻ اشارو ڪري ٿي. تاريخ شاهد آهي ته ايٽمي تنصيبات تي حملا هميشه عالمي سطح تي مذمت جو سبب بڻيا آهن. جڏهن يوڪرين جي ايٽمي پلانٽن جي ڀرسان حملا ٿيا هئا ته مغربي دنيا سخت ردعمل ظاهر ڪيو هو پر ايران جو موقف آهي ته ساڳيا اصول هن موقعي تي نظرانداز ڪيا پيا وڃن. اهو رويو عالمي سياست ۾ ٻٽي معيارن کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو اڳ ئي غير مستحڪم عالمي نظام کي وڌيڪ ڪمزور ڪري رهيو آهي.

ٻئي پاسي، ايران به سخت ردعمل لاءِ تيار نظر اچي ٿو ايراني فوجي ترجمانن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن آمريڪا يا اسرائيل جارحيت وڌائي ته سڄو خطو سندن لاءِ 'جهنم' بڻجي سگهي ٿو ايران نه رڳو پنهنجي فضائي حدن جي حفاظت لاءِ نوان دفاعي نظام متعارف ڪرايا آهن. پر اهو پڻ اعلان ڪيو آهي ته هو آمريڪي فوج کي پوري خطي مان ڪڍڻ تائين جدوجهد جاري رکندو. اهو موقف خطي ۾ طاقت جي توازن کي هڪ نئين رخ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. هن تڪرار ۾ هڪ اهم عنصر آبنائي هرمز پڻ آهي، جيڪو عالمي تيل جي فراهمي لاءِ هڪ اهم سامونڊي رستو آهي. جيڪڏهن هتي ڪنهن به قسم جي ڇڪتاڻ ٿئي ٿي ته ان جا اثر سڌو سنئون عالمي معيشت تي پوندا. روس پڻ هن صورتحال ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. روس بوشهر ايٽمي پلانٽ تي حملي کي شيطاني عمل قرار ڏيندي سخت مذمت ڪئي آهي ۽ پنهنجو عملو به اتان واپس گهرايو آهي. اهو قدم نه صرف خطري جي شدت کي ظاهر ڪري ٿو پر عالمي طاقتن جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي به ظاهر ڪري ٿو جيڪا ڪنهن وڏي تڪرار ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. ساڳئي وقت، خطي جي ٻين ملڪن تي به هن بحران جا اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. مثال طور، ايران کان عراق کي گيس جي فراهمي بند ٿيڻ سان توانائي جو بحران پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو عام ماڻهن جي زندگيءَ کي سڌو متاثر ڪري رهيو آهي. اهڙا اثر ٻڌائن ٿا ته جنگ صرف فوجي ميدان تائين محدود نه رهندي، پر ان جا اثر عام شهري تائين پهچندا. اهڙي صورتحال ۾ عالمي برادريءَ جي ذميواري آهي ته اها ترت سفارتي قدم کڻي، ڇڪتاڻ کي گهٽائي ۽ ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولي. جنگ ڪڏهن به ڪنهن مسئلي جو مستقل حل نه رهي آهي. بلڪه اها وڌيڪ تباهي، انساني نقصان ۽ معاشي بحرانن کي جنم ڏئي ٿي. اسين سمجهون ٿا موجوده بحران رڳو ايران، آمريڪا يا اسرائيل تائين محدود ناهي، پر اهو هڪ عالمي مسئلو بڻجي چڪو آهي. جيڪڏهن بروقت ۽ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته دنيا هڪ اهڙي تڪرار ڏانهن وڌي سگهي ٿي، جنهن جا نتيجا نسلن تائين محسوس ڪيا ويندا.

ايٽمي خطرا، عالمي سياست ۽ خطي جي مستقبل جو سوال


احمد علي

ايران- اسرائيل/ امريڪا جنگ پنهنجي خطرناڪ موڙ تي اچي بيٺي آهي جنهن جا اثر پوري دنيا جي امن معيشت ۽ انساني بقا تي پئجي رهيا آهن ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ هاڻي کليل فوجي مقابلي جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي جنهن ۾ نه رڳو روايتي هٿيار استعمال ٿي رهيا آهن پر ايٽمي تنصيبات تي حملا ڪري خطي کي هڪ وڏي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو ويو آهي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو تازو بيان هن بحران جي سنگينيءَ کي واضح ڪري ٿو هن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن بوشهر جهڙي ايٽمي تنصيب تي حملا جاري رهيا ته ان جا اثر صرف ايران تائين محدود نه رهندا، پر وچ اوڀر جي ملڪن جي گادي وارن شهرن تائين تابڪاري ڦهلجي سگهي ٿي جيڪا لکين انساني زندگين لاءِ موت جو پيغام بڻجي سگهي ٿي عراقچي جو اهو چوڻ ته بوشهر، تهران جي ڀيٽ ۾ ڪويت، بحرين ۽ قطر جي ويجهو آهي هڪ سنگين تنبيهه آهي ته هيءَ جنگ سرحدن کي نٿي سڃاڻي اهو سوال به اهم آهي ته جڏهن يوڪرين جي ايٽمي پلانٽن جي ويجهو معمولي فوجي حرڪتن تي مغربي دنيا سخت ردعمل ڏنو هو ته پوءِ ايران جي ايٽمي تنصيبات تي بار بار حملا ٿيڻ باوجود اها ساڳي شدت ڇو نظر نٿي اچي؟ هي ٻٽو معيار عالمي سياست جي ان حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو جتي اصولن کان وڌيڪ مفادن کي ترجيح ڏني وڃي ٿي

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو سخت لهجو هن صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي رهيو آهي هن ايران کي ڌمڪي ڏني آهي ته يا ته هو معاهدو ڪري يا آبنائي هرمز کولڻ لاءِ تيار ٿئي ٻي صورت ۾ تباهي سندس مقدر بڻجي ويندي آبنائي هرمز عالمي واپار لاءِ هڪ اهم شاهراهه آهي جتان دنيا جي وڏي حصي جو تيل گذري ٿو جيڪڏهن هتي ڪا وڏي فوجي ڪارروائي ٿئي ٿي ته ان جا عالمي معيشت تي زبردست اثر پئجي سگهن ٿا، جنهن سان تيل جون قيمتون آسمان تي پهچي سگهن ٿيون ۽ ڪيترن ئي ملڪن ۾ معاشي بحران جنم وٺي سگهي ٿو ٻئي طرف ايران جو ردعمل به گهٽ سخت ناهي ايراني فوج اعلان ڪيو آهي ته هنن نئون دفاعي ميزائل نظام متعارف ڪرايو آهي جنهن جي مدد سان آمريڪي جهازن کي ڪيرايو ويو آهي ۽ هاڻي ايران پنهنجي فضائي حدن تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري رهيو آهي ايراني فوجي قيادت واضح ڪيو آهي ته سندن اصل حڪمت عملي خطي مان آمريڪي فوجن کي ڪڍڻ آهي ۽ جيڪڏهن جنگ بندي به ٿي وڃي ته به هيءَ مقصد سندن ايجنڊا جو حصو رهندو روس جو موقف پڻ اهميت رکي ٿو، جنهن بوشهر ايٽمي پلانٽ تي حملن کي "شيطاني عمل" قرار ڏنو آهي ماسڪو پاران پنهنجي عملي کي واپس گهرائڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته عالمي طاقتون هن صورتحال کي انتهائي خطرناڪ سمجهي رهيون آهن اهو عمل هڪ طرف احتياط آهي ته ٻئي طرف هڪ خاموش سفارتي پيغام به آهي ته جنگ جي

[illegible]

اڄوڪو ڏينهن - 06 اپريل

هرچندراءِ وشنداس



اڄ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي اڳوڻي صدر، سياستدان ۽ مشهور قانوندان هرچندراءِ وشنداس جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن تاليواري انسان جو جنم موجوده ڄامشوري ضلعي جي ڳوٺ مانجهندءِ ۾ 6 اپريل 1862ع تي ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ پهرين مئي 1862ع پڻ لکي وئي آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي اهو اسڪول سنڌس والد سيٺ وشنداس ٽهلجند پاروائيءَ قائم ڪيو هو ان بعد ڪوٽڙيءَ جي هڪ مشنري اسڪول ۾ پڙهيو ۽ ڪراچيءَ جي اين جي وي هاءِ اسڪول مان 1878ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين اڳتي هلي 1885ع ۾ ممبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان قانون جي سند حاصل ڪيائين تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌس نالو ڪراچيءَ جي انتهائي ساک وارن وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳو هو سڄا سارا 42 سال ڪراچي بار ايسوسيئيشن جو ميمبر رهيو ڪجهه عرصو انهيءَ ايسوسيئيشن جو اعزازي سيڪريٽري پڻ رهيو 1888ع ۽ 1889ع دوران ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر رهيو 1899ع کان 1910ع تائين ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو قانوني صلاحڪار ۽ 1911ع کان 1921ع تائين انهيءَ جو صدر رهيو سنڌس دور ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ٿيا 1919ع کان 1921ع تائين بمبئيءَ جي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو هو 9 سال ڪراچي پورٽ جو ٽرسٽي ۽ ٽي ڀيرا نائب صدر رهيو هو ڪراچي ڪلب جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ هو سياسي طور تي ڪانگريس سان سلهاڙيل رهيو هو هن 16 فيبروري 1928ع تي هن فاني دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو



اڄ سنڌي لوڪ ادب جي پارکو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هو 6 اپريل 1919ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ محراب خان سنديلي ۾ ڄائو ابتدائي ۽ ثانوي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي بي ٽي (آنرس)، ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري استاد طور ڪيائين اڳتي هلي ترقي ڪري پهريائين هاءِ اسڪول ٽيچر ۽ پوءِ ڪاليج ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين پاڻ ڪيترن ئي ڪاليجن جو پرنسپال ۽ پروفيسر رهيو ۽ 1979ع ۾ رٽائر ٿيو ڊاڪٽر سنديلو سنڌي ادبي بورڊ جي جامع لغات اسڪيم ۾ ريسرچ اسسٽنٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فيلو ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر ۽ لاڙڪاڻي جي هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر رهيو هن سنڌي لوڪ ادب، لغت، شخصيات ۽ ٻين موضوعن تي 15 ڪتاب لکيا. هن 2 جنوري 1990ع تي وفات ڪئي

امام الدين بيدار

امام الدين بيدار سانگهڙ ضلعي جو هڪ مشهور حڪيم ۽ عوامي شاعر هو سنڌس جنم 1940ع ڌاري سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ خدابخش ٺلواڻيءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ئي حاصل ڪيائين جيتوڻيڪ وڌيڪ تعليم ڪنهن اسڪول مان حاصل نه ڪيائين پر پنهنجي ذاتي مطالعي سان چڱي ڄاڻ حاصل ڪيائين هن حڪمت جا ڪافي ڪتاب پڙهيا حڪمت ۾ سنڌس نالو پري پري تائين مشهور هو هو هڪ سٺو شاعر به هو سنڌس ڪجهه شاعري ادبي رسالن ۾ به ڇپي هئي پر اڪثر شاعري بزبان ماڻهن کي ياد هوندي هو هن 6 اپريل 1999ع تي وفات ڪئي

عبدالرسول عباسي



اڄ مشهور چترڪار ۽ اديب عبدالرسول عباسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 6 اپريل 1955ع تي تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ آباد ۾ پيدا ٿيو گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڊياري مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين هن سول انجنيئرنگ ۾ ايسوسيئيٽ انجنيئر جو ڊپلوما پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊجيٽل ملٽي ميڊيا ۽ فائن آرٽس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي 1973ع کان 1975ع تائين تنديون وڏيون نوڪريون ڪيائين 1975ع ڌاري برپ تنبي جام ۾ ڊرافٽس مين مقرر ٿيو 1980ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام ۾ ڊرافٽس مين طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين اڳتي هلي ٽيڪنيڪل آفيسر پبلڪ رليشن آفيسر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏيڻ بعد سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ مان 2015ع ۾ رٽائر ڪيائين هن کي مصوريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو هن سوَن جي تعداد ۾ ڪتابن رسالن ۽ ميگزينس جا پُرڪشش ٽائيٽل ناهڻ سان گڏوگڏ حالات ۽ واقعات جي عڪاسي ڪندڙ بهترين تصويرون ۽ پورٽريٽ به ناهيا آهن هن سنڌي ثقافت جي پسمنظر ۾ ڪينوس تي پينٽنگ ناهيون آهن جن کي وڏي مڃتا ملي آهي سنڌس فنپارن جي نمائش مختلف شهرن ۾ ٿي چڪي آهي چترڪار هجڻ سان گڏ هو هڪ پلوڙ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار پڻ آهي هو سنڌي ادبي سنگت سان سلهاڙيل رهيو آهي ۽ ٽنڊوڄام شاخ جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي

گل ٽڪڙائي

اڄ مشهور شاعر گل ٽڪڙائيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي سنڌي ساهت جي هن روشن ستاري 6 اپريل 1964ع تي موجوده ٽنڊو محمد خان جي تاريخي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سنڌس ڇنڇ جو نالو عبدالرشيد ۽ والد جو نالو محمد سليمان سمون آهي هن ايم اي (سنڌي) تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور علم جون ڏياٽيون روشن ڪيون هن 1978ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ تاج ٽڪڙائي ۽ نظير ٽڪڙائيءَ جي سرپرستي ۽ ساٿ رهيس جنهن ڪري سنڌس شاعريءَ کي چوڄ ته چار چنڊ لڳي ويا. هن جي پهرين تخليق بسنت رسالي ۾ شايع ٿي ان بعد سنڌس لڪڻيون سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيون شاعريءَ سان گڏ ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون اٿس

بيوس بخش علي جانڊيو



هن مشهور محقق شاعر ۽ لوڪ ادب جي ڄاڻو جو جنم نياز علي جانڊيي جي گهر قل شهر پرسان جانڊين جي ڳوٺ ۾ 06 اپريل 1972ع تي ٿيو هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول قل مان حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ترتيبوار مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز مان پاس ڪيا اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جون سندون شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان حاصل ڪيون هو 2000ع ۾ تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تائين پهتو هو هڪ پلوڙ شاعر آهي ۽ شاعريءَ ۾ سنڌس تخلص "بيوس" آهي سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب "ڪرونا لاڪ اپ ۽ پيڙائن جا عڪس" 2020ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان کان علاوه


مختيار انڙ

سنڌس ڪتاب "ساهتي پرڳڻي ۾ لوڪ ادب جي اوسر" ۽ "ڳانهون ٻوڙيل ديس جون" (شاعري) ڇپيل آهن ان کان علاوه سنڌس ڪيترائي ڪتاب ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن

محمد يوسف پنهور



سنڌ جي هن مشهور شاعر جو جنم 1896ع ڌاري موجوده سجاول ضلعي ۾ ٿيو 1916ع ۾ پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1951ع ۾ رٽائر ٿيو هن کي سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو پاڻ مشهور فارسي شاعر رومي، حافظ ۽ شيخ سعديءَ جي شاعريءَ کان گهڻو متاثر هو سنڌس شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب "تنهنجا تير تفنگ" جي نالي سان پروفيسر رجب علي ميمڻ 1985ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو محمد يوسف پنهور 6 اپريل 1980ع تي دڙي شهر ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

عبدالفتاح عابد لاشاري

هن نامور ليکڪ، صحافي ۽ مصور جو جنم 20 فيبروري 1946ع تي جيڪب آباد ۾ ٿيو هو مشهور شاعر عبدالڪريم گدائيءَ جو پٽ هو هن پنهنجي والد جي شاعريءَ کان متاثر ٿي پاڻ به شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي ڪهاڻيون پڻ لکيائين سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو "آڪٽوپس آسروند" نالي سان ڇپيل آهي ادبي پروگرامن ۾ پنهنجي شاعري گهڻو ڪري ترنم ۾ پڙهندو هو 1990ع ۾ جيڪب آباد مان هفتيوار اخبار "ساحر" جاري ڪيائين هو هڪ سٺو مصور پڻ هو ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا ٽائيٽل ڊزائين ڪيائين هن 6 اپريل 2000ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، برک اديب، محقق ۽ سنڌي ادب جي سرموڙ ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن کي سنڌي لوڪ ادب، لسانيات، شاهه جي شاعري ۽ تاريخ تي عبور حاصل هو سنڌي ادبي دنيا جي هن روشن ستاري جو جنم 16 ڊسمبر 1917ع تي تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ڳوٺ پلئي خان لغاريءَ ۽ 22 جمڙاٽو جي پرائمري اسڪولن مان حاصل ڪيائين ان بعد نوشهري فيروز جي مدرسي اسڪول ۾ پڙهيو هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون مسلم علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان وڪالت جي سند به حاصل ڪيائين اڳتي هلي ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ مان ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين 1950ع ڌاري انفارميشن ۽ براڊ ڪاسٽنگ وزارت ۾ ان کان پوءِ دمشق جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ نوڪري ڪيائين 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۾ پروفيسر مقرر ٿيو اڳتي هلي ساڳي يونيورسٽيءَ جي ايجوڪيشن فيڪلٽيءَ جو ڊين مقرر ٿيو 1973ع کان 1976ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر هجڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين پاڻ وفاقي وزارت تعليم ۽ ثقافت ۾ سيڪريٽري، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ جو ڊائريڪٽر، بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، نيشنل هجره ڪائونسل جو صلاحڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو باني چيئرمين پڻ رهيو ان کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي علمي ادبي تاريخي تحقيقي ۽ تعليمي ادارن ۽ تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو 1993ع جي آخر ۾ سنڌ حڪومت ۾ تعليم زراعت ۽ جهنگلي جيوت جي وزير طور به ڪم ڪيائين هن سنڌي لوڪ ادب، ٻولي ۽ تاريخ جي بقا ۽ واڌاري لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو جامع سنڌي لغات جي ترتيب ۽ تاليف ۽ سنڌي ۽ اردو لغت جي تياري ۽ سنڌي لوڪ ادب جا چاليهه جلد سنڌس لافاني ادبي ڪاوشن جو جيئرو مثال آهن پلائي پٽ ڏٺيءَ جو رسالو به نئين طريقي سان ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرو ڪيائين هن ڪيترن ئي ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام گڏ ڪري ڇپرايو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ لکيل سنڌس سمورا ڪتاب سنڌي ادب ۽ تاريخ جو انمول سرمايو آهن سنڌس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور کين ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو جن ۾ تمغه امتياز، ستاره قائد اعظم، تمغه حسن ڪارڪردگي، ڪمال فن ايوارڊ، هلال امتياز ۽ ٻيا ڪيترائي اعزاز شامل آهن سنڌي ادب جي هن انمول ستاري 6 اپريل 2011ع تي دم ڌڻي حوالي ڪيو

شفيع محمد ڪرناني



اڄ مشهور قوم پرست اڳواڻ شفيع محمد ڪرنانيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو پهرين جنوري 1957ع تي ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ صالح محمد ڪرنانيءَ ۾ ڄائو مئٽرڪ ۽ انٽر سائنس جا امتحان ٺٽي مان پاس ڪيائين ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ بئچلر آف سول انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪيائين سنڌ يونيورسٽيءَ مان وڪالت جي سند به حاصل ڪيائين هن ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هو ڪاليج ۾ شاگرد يونين جو سيڪريٽري رهيو اڳتي هلي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن سان لاڳاپجي ويو ۽ ضلعي ٺٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪيائين مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هو جيئي سنڌ جو مرڪزي عهديدار رهيو 1983ع ۾ جيئي سنڌ جو مرڪزي صدر چونڊيو سائين جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ به جيئي سنڌ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين هن کي 6 اپريل 2016ع تي ڪجهه شرپسندن مڪلي ويجهو گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو

ڊاڪٽر اجمل ساوند

اڄ هٿرادو ذهانت (اي آءِ) جي ماهر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن املهه انسان جو جنم 18 جولاءِ 1982ع تي ڪنڌڪوٽ ضلعي ڪشمور ۾ ٿيو هن مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيا هو انهيءَ ڪاليج مان شايع ٿيندڙ مختلف رسالن جو سب ايڊيٽر رهيو ۽ ڪاليج جو هڪ هونهار شاگرد هو هن مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۾ 2006ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ان بعد يونيورسٽي آف پئرس ڊيسڪارٽيس (University of Paris Descartes) مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽر ۽ هٿرادو ذهانت (اي آءِ) جي مضمون ۾ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين وطن واپسيءَ تي سکر آءِ بي اي يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين تاريخ 6 اپريل 2023ع تي جيئن ئي هو پنهنجي زمين تان واپس گهر اچي رهيو هو ته نامعلوم هٿياربندن ڪيس گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو هن جي شهادت سان سنڌ هڪ انمول سائنسدان ۽ تعليمي ماهر کان محروم ٿي وئي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر2558 سال 2025

شريمتي شويتا ڌيءُ آشو ڪولهي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ ڀهاول زوٽنور فارم موري وڏه روڊ تعلقو ضلعو حيدرآباد .. پلينٽف ..بخلاف راجو ولد امرشي ڪولهي هندو بالغ رهندڙ مختيار ميمڻ جي زمين ڳوٺ نزد اڄي مسجد ماما ڪوٽ چمبڙ روڊ تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 07-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر104 سال 2026

مسمات عروج ڌيءُ رمضان هوت بلوچ رهندڙ وارڊ نمبر 7 بلوچ ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاه حال رهندڙ محبت ڪالوني غزالي ٽائون سانگهڙ روڊ نوابشاه .. پلينٽف ..بخلاف نعمان علي ولد نذير حسين هوت بلوچ رهندڙ وارڊ نمبر 7 بلوچ ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاه 03183644075 ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 10-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر39 سال 2026

مسمات صفيه ڌيءُ ڀهاول زال رفيق رهندڙ جرواري شاخ سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص .. پلينٽف ..بخلاف رفيق ولد مير خان رند رهندڙ ڳوٺ چوڌري محمد حنيف آرائين سانگهڙ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

بقايا 1 مارجي ويو

تان عطرائي جتوئي برادري جي نامعلوم ماڻهن ڪائماني جتوئي برادري جي زمين تي ڪم ڪندڙ ماڻهن تي اوچتو فائرنگ ڪري ڏني، فائرنگ جي نتيجي ۾ رسول بخش عرف ٻلي ولد فتح شير ڪائماني جتوئي (عمر لڳ ڀڳ 55/56 سال) گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته علي ٻهر ولد رسول بخش گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو،ان ڏس ۾ ذريعن موجب واقعي بعد حملي ڪندڙ نامعلوم ماڻهو گهر مان ميٺهون به پاڻ سان گڏ ڪاهي فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي لاش ۽ زخمي کي فوري طور سرڪاري اسپتال باگڙجي منتقل ڪيو. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي، جڏهن ته پوليس جي ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 2 شخص فوت

اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو فوتي شخص جي سڃاڻپ جانو ملاحي ڳوٺ جو رهواسي امير ولد رمضان ملاحي طور ٿي آهي پوليس موجب نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ جانو ملاحي ڳوٺ جو رهواسي پيرسن شخص فوت ٿي ويو آهي گاڏي موقعي تان فرار ٿي وئي آهي ناڪابندي ڪري ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

گلزار شاهه ،سيڪٽري فضل عباس ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي حڪومت جي پاليسين تي سخت تنقيد ڪئي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته رات جي اونداهي ۾ پيٽروليم مصنوعات جا اگهه وڌائڻ وارو فيصلو عوام دشمن قدم آهي، جنهن سان اڳ ئي مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل غريب ماڻهن جون مشڪلاتون وڌيڪ وڌي ويون آهن. اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ صرف ٽرانسپورٽ تائين محدود نه رهي، پر ان جا اثر روزمره جي استعمال وارين شين تي به پون ٿا، جنهن سبب مهانگائي جو طوفان وڌيڪ تيز ٿي وڃي ٿو. هنن چيو ته اهڙن فيصلن سان عام ماڻهو جي زندگي عذاب بڻجي وڃي ٿي، جڏهن ته حڪمران طبقي کي عوام جي حالتن جو ڪو احساس نظر نٿو اچي. سندن وڌيڪ چوڻ هو ته حڪومت کي گهرجي ته عوام دوست پاليسيون اختيار ڪري ۽ اهڙا فيصلا واپس وٺي، جيڪي سڌي طرح عوام جي زندگيءَ تي منفي اثر وجهن ٿا. اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ ٿيل واڌ تي فوري نظرثاني ڪري، اگهه گهٽ ڪيا وڃن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 4 اسپتال داخل

پئي جنهن جي نتيجي ۾ سڪندر ولد شريف برهماڻي - لياقت ولد شريف برهماڻي - اظهر ولد واحد بخش برهماڻي زخمي ٿي پيا جڏهن ته زخمين کي ٺٽي ٻولاخان جي تعلقه اسپتال علاج لاءِ منتقل ڪيو ويو

بقايا 5 رسول بخش چانڊيو

اهڙو اظهار ايم اين اي بدين حاجي رسول بخش چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو انهي موقعي تي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي وائس چيئرمين علي اڪبر ميمڻ رئيس عاشق علي گوپانگ به موجود هئا حاجي رسول بخش چانڊيو چيو تي بدين شهر جي مين گٽر نالي جيڪو قطر مسجد کان آرمي شوگر ملز باءِ پاس تائين تعمير ڪيل آهي جنهن قبضن سبب صفائي جو ڪم به سخت متاثر ٿئي ٿو هن انتظاميا کي چيو ته قابضين ايم اين اي يا ايم پي اي جا ماڻهو يا ڪير به هجن انهن جي خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي تي جيئن ايندڙ برساتن کان اڳ شهر جي نيڪال جو نظام بهتر ڪري سگهجي هن چيو ته شهر ۾ سنڌس خصوصي فنڊ مان 10 ڪروڙ روپين جا ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا جڏهن ته ايم پي اي تاج محمد ملاح جي فنڊ مان گهٽين کي پڪو ڪرڻ جا ڪم هلي رهيا اهن

بقايا 6 الهه تلهه رک

گهر اندر موجود سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو جنهن ۾ ڪٽون، بسترا،

ٿاتو ۽ روزمره جي استعمال جون شيون شامل آهن. جڏهن ته ڪاڻي لاءِ رکيل ڪڻڪ به مڪمل طور تي سڙي رک ٿي وئي،واقعي دوران چوپايو مال کي به وڏو نقصان پهتو جنهن ۾ هڪ قيمتي پاڏو سڙي مري ويو، جڏهن ته هڪ ٻي قيمتي ميڻهن به سخت زخمي ٿي پئي،مقامي رهواسين باهه وسائڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آندو،متاثر خاندان حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مالي مدد ۽ سهائتا جي اپيل ڪئي آهي ته جيئن سندن ٿيل نقصان جو ازالو ٿي سگهي.

بقايا 7 واڌ خلاف احتجاج

پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي ريلي ۾ پيٽروليم شين جا اگهه گهٽايو جا نعرا هنيا ويا ۽ آمريڪا اسرائيل خلاف نعريبازي ڪئي وئي ، احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر جام تماچي، هرچند لال ، ضلعي صدر ڊاڪٽر مشتاق شورو ، علي شير پرهياڙ، حفيظ باگڙائي، غلام علي لغاري، صاحب ڏنو سمون ، سنڌي شاگرد تحريڪ مرڪزي آرگنائيزنگ جي سيڪريٽري اياز لغاري ، سڄاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ دانش ڪمار ۽ ٻين چيو ته ايران آبنائي هرمز تان پاڪستاني تيل جي جهازن لاءِ ڪابه روڪ نه پيو ڪري ، ان باوجود پاڪستان ۾ تيل جا اگهه وڌائي عوام تي مهانگائي جو جيڪو بم ڪيرايو ويو آهي اهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ، فوري طور پيٽرول 200 روپيه ليٽر ۽ ڊيزل 250 روپيه مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوام سڄي ملڪ جا روڊ رستا بلاڪ ڪري ڌرڻا هڻندي جنهن جي ذميوار حڪومت هوندي .

بقايا 8 ريليون

پيٽرول، ڊيزل ۽ گئس تي تون مهانگائي خلاف جهاز چوڪ ڪان لکي در تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي جي قيادت مولانا مسعود قادري ۽ زاهد پنهيري ڪئي ٻي طرف تڪنل ريليون شهر جي مختلف رستن تان گذرندي لکيدر گهنٽه گهر چوڪ تي پهتيون ، جتي ڌرڻي جي صورت اختيار ڪري ويو مظاهرين پيٽروليم شين جي وڌايل قيمتن کي مڪمل طور رد ڪندي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مقررين خطاب ڪندي هنن چيو ته حڪومت طرفان پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ گهاتي تون واڌ عوام تي معاشي ظلم جي برابر آهي، هنن نشاندهي ڪئي ته عالمي منڊي ۾ تيل لڳ ڀڳ 246 روپيا في ليٽر هجڻ باوجود عوام کان بيٺي قيمت وصول ڪرڻ سراسر ناانصافي آهي، وزيراعظم طرفان 478 روپين مان معمولي گهٽتائي عوام کي رليف ڏيڻ بدران سندن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جي برابر قرار ڏني وئي، جڏهن ته گرا ٽيڪس لڳائي عوام کي هيٺو عذاب ڏنو پيو وڃي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته موجوده معاشي پاليسيون پورهيت دشمن آهن، ۽ فوري طور تي پيٽروليم مصنوعات جون وڌايل قيمتون واپس ورتيون وڃن. خاص طور تي ڊيزل جي قيمت ۾ واڌ زرعي شعبي لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿيندي، جنهن سان فصلن جي پوک متاثر ٿيندي ۽ خوراڪ جي ڪوٽ سميت مهانگائي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو،هنن خبردار ڪيو ته ٽرانسپورٽ خرچن ۾ واڌ سبب روزمره جي استعمال جون سڀ شيون مهانگيون ٿي رهيون آهن. جنهن سان عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻجي وئي آهي، ملڪ جي 22 ڪروڙ عوام لاءِ حالتون ڏينهون ڏينهن سنگين ٿينديون پيون وڃن، جتي غربت ۽ بيروزگاري سبب ماڻهو سخت ذهني ۽ معاشي دٻاءُ هيٺ آهن.

بقايا 9 احتجاج

جو اظهار ڪيو احتجاج جي اڳواڻي پي ٽي آءِ سڪر جي سينئر اڳواڻ گوهر خان ڪوسو ٻين اڳواڻن سان گڏ ڪئي. جلسي کي خطاب ڪندي هن چيو ته موجوده حڪمران "چور" آهن جن عوام کي لٽيو ۽ انهن جو مستقبل تباهه ڪيو آهي. گوهر خان ڪوسو چيو ته پيٽرول جي قيمت 328 رپيا في ليٽر کان وڌائي 460 رپيا ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڊيزل اڃا به مهانگو ٿي ويو آهي، جنهن عوام جي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري طور تي ضروري شين جون قيمتون گهٽائي، غير ضروري ٽيڪس ختم ڪري ۽ عوام کي رليف فراهم ڪري. اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن حڪومت عوام جي مسئلن کي نه سمجهيو ته مستقبل ۾ احتجاج کي وڌيڪ وڌايو ويندو ان موقعي تي ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو ۽ چيو ته عوام هاڻي خاموش نه ويهندا ۽ پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪندا. احتجاج دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، پر ڪو به تشدد وارو واقعو پيش نه آيو. مظاهري جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙ پريس ڪلب جي سامهون بيٺا ۽ پاڪستان ۽ پي ٽي آءِ جي حق ۾ نعرا هنيا. ياد رهي ته وفاقي حڪومت گذريل ڏينهن هڪ پيرو ٻيهر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪئي هئي، جنهن ڪان پوءِ ماڻهن ۾ سخت پريشاني آهي.

بقايا 10 احتجاج

تعلقي ۾ تعليمي آفيسرن سيٽون لڪائي اسان سان ناانصافي ڪئي آهي سڄي ضلعي ۾ ڪنڊيارو تعلقي جو لٽريسي ريشو وڌيڪ هجڻ باوجود سيٽون گهٽ ڏنيون ويون آهن هنن چيو ته ڪنڊيارو جي نوجوانن سان ناانصافي ڪئي وئي آهي هن وقت به ساڳيا آفيسر مقرر آهن جيڪي ميرٽ دشمن روزگار دشمن بڻيل آهن هنن چيو ته سيد سردار شاهه عمرڪوٽ ضلعي لاءِ ويٽنگ اميدوارن جي حق ۾ ليٽر ڪيرايو آهي ٻين ضلعن جي نوجوانن کي به حق ڏنو وڃي هنن چيو ته پاليسي کي ضلعي ڏويزن سنڌ ليول تي آٽي ٽيسٽ پاس ويٽنگ اميدوارن کي پرڻي ڪيو وڃي ويٽنگ اميدوارن لاءِ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ڪاميٽي آءِ بي اي ويٽنگ اميدوار کي حق ڏيارڻ ۾ ڪردارادا ڪري هنن ضلعي نوشهروفيروز مان چونڊيل ايم پي اي صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار کان مطالبو ڪيو ته عام چونڊن ۾ اليڪشن مهم دوران ضلعي نوشهروفيروز جي آءِ بي اي ويٽنگ اميدوارن کي يقين ڏيارڻو ته اليڪشن ۾ ڪاميابي بعد آفرآرڊر ڊيارينداسين هنن چيو ته ضلعي جي پنجن ئي تعلقن مورو ڪنڊيارو نوشهروفيروز پريا محرابپور جي سوين نوجوانن ميل ٽوئي فيميل اميدوارن جون اوهان سان اميدون وابسته آهن آفر آرڊر ڏياري تعليمي مستقبل بچايو وڃي هنن ضلعي جي ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه سيد حسن علي شاهه ممتاز چانڊيو پي پي پي ضلعي

نوشهروفيروز جي صدر سهيل اختر عباسي جنرل سيڪريٽري مسرور راڄپر کي به اپيل ڪئي ته چار سالن کان ويٽنگ ۾ ويٺل آءِ بي اي پي ايس ٽي ، ميل فيميل اميدوارن کي حق ڏيارڻ لاءِ پي پي پي قيادت سميت صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار آڏو هي اهم معاملو آڻي نوجوانن کي حق ڏيارايو وڃي

بقايا 11 احتجاجي ريلي

جنهن جي اڳواڻي اڪبر مڪول، نديم شيخ، آصف شر زيد قليوٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته وڌندڙ مهانگائي سبب عام ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي جڏهن ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ عوام لاءِ وڌيڪ تڪليف جو سبب بڻجي رهي آهي هنن چيو ته روزمره جي شين جي قيمتن ۾ واڌ ماڻهن جي زندگي کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڪيل واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 12 گهر ۾ کهاڻ

ته ڦهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي پوليس جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 13 احتجاج

اگهه وڌائي عوام مٿان مهنگائي جو بم ڪيرايو ويو آهي جڏهن ته عوام اڳيئي ماني ڳيهي لاءِ پريشان هو هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن حڪومت تيل جو اگهه نه گهٽايو ته مرحليوار تحريڪ هلائي ويندي جيڪا تيل جي اگهه گهٽ ٿيڻ تائين جاري رهندي مظاهري دوران حڪومت خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي وئي هنن وڌيڪ چيو ته عوام جيڪو مهنگائي جي چڪيءَ ۾ پيڙهجي رهيو آهي ان کي ان مان آزاد ڪرايو وڃي

بقايا 14 احتجاج

ڪامريڊ ڪيول، قربان علي ڪنبر، مشتاق ڪنبر، سپاهو خان، ٽيڪم ڪولهي، جي ڊي اي اڳواڻ انور راڄڙ امام بخش هنگورجو ايوب راڄڙ دوست محمد عمراڻي،سراج سمون، ايوب سمون،عرفان ڪنبر، اياز ڪنبر، غلام محمد هاليپوٽو سليم سمون ۽ ٻين شرڪت ڪئي تيل جا اگهه گهٽ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 15 احتجاج

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي صدر ظريت ساگر بجاراڻي جماعت اسلامي جي اڳواڻ غلام مصطفي ميراڻي ايس ٽي پي جي ضلعي جستم ڏيو اڪرم ٻاجڪاڻي جي ضلعي صدر والي ڏنو سبزوئي ڊاڪٽر ميهر چند اشوڪ ڪمار امداد ڪوسو جي يو آئي جي اڳواڻ خان محمد ملڪ ڊاڪٽر سريش ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته شهر اندر بنا ڪنهن خوف ۽ روڪ ٽوڪ جي ڪيميڪل وارو ڪير وڪرو ٿي رهيو آهي جيڪو انساني زندگين لاءِ انتهائي خطرناڪ بڻجي چڪو آهي هنن الزام لڳايو ته لاڳاپيل انتظاميه سڀ ڪجهه ڄاڻڻ باوجود به اکيون ٻوٽي ويٺي آهي جنهن سبب معصوم ٻارڙن سميت ڪيترائي شهري مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن فوري طور تي ڪيميڪل مليل ڪير جي وڪري کي بند نه ڪيو ويو ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪاروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو احتجاج ۾ جماعت اسلامي ايس يو پي ، ترقي پسند پارٽي سميت ٻين شرڪت ڪئي مظاهري ۾ شريڪ ماڻهن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهر ۾ وڪرو ٿيندڙ زهريلي ڪير خلاف فوري نوٽيس وٺي ملوث خلاف قانون جي ڪنهڙي ۾ آندو وڃي جيئن شهرين جي زندگين کي محفوظ بڻائي سگهجي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي جي مختلف شهرن ۾ ڪيميڪل مان ٺهندڙ ڪير جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو هزارين ماڻهن جي زندگي داءَ تي لڳل ڪيميڪل ڪير جو ڪاروبار کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿي ويا ڪيميڪل ڪير ناهيندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي سروي رپورٽ موجب ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي جي اڪثر ٻهراڙي واري علائقن توڙي شهرن ۾ ڪيميڪل وارو ڪير ناهي ڪشمور ڪنڌڪوٽ تنگواڻي غوثپور ڪرمپور گبلو ڊيرا موڙ بخشاپور بداڻي رسالدار سميت ننڍن وڏن شهرن جي دڪانن ۽ هوٽلن تي زهريلو ڪير جو وڪرو ڪرڻ وارو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي ڪيميڪل وارو زهريلو ڪير واپرائڻ توڙي ڪيميڪل واري ڪير جي چانهه پيئندڙ ماڻهن توڙي معصوم ٻارن جون زندگيون داءَ تي لڳل آهن شهرين پاران ضلعي انتظاميا توڙي ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور کي بار بار شڪايتون ڪرڻ جي باوجود ان طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو ويو آهي ۽ نه وري ڪيميڪل وارو ڪير ناهيندڙ توڙي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي جنهن ڪري ڪيميڪل وارو ڪير استعمال ڪرڻ سبب ڪيترائي ماڻهو مختلف بيمارين ۾ ورتجي ويا آهن زهريلو ڪير واپرائڻ سبب هڪ ٻچو فوت ٿي ويو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو مختلف بيمارين سبب اسپتال گهر پيرڙو ٿي ويا آهن پرائيويٽ اسپتالن ۾ منتقل ٿي ويا آهن ان موقعي تي ڊاڪٽر حضور بخش سومرو ، ڊاڪٽر خالد الاهي پتو ، ڊاڪٽر مظفر علي ڏاهاڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيميڪل وارو ڪير انتهائي خطرناڪ آهي ٽن مهينن اندر 55 کان وڌيڪ فوت ٿي ويا آهن اڪثر ڪيميڪل ڪير جيڪو خطرناڪ آهي جنهن سان معدي آنڊن پيٽ جون مختلف بيماريون ٿي سگهن ٿيون نه رڳو ٻندا توڙي وڏا پيرسن ڪير واپرائڻ سان ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا ڪشمور ضلعي ۾ اڪثر ماڻهو ڪيميڪل وارو ڪير واپرائڻ سبب ٿيندڙ بيمارين کان اڻ واقف آهن ڪيميڪل واري ڪير کي روڪڻ لاءِ جلد کان جلد قدم کنيا وڃن جيئن ماڻهو مختلف بيمارين کان بچي سگهن هوڏانهن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مختلف پارٽين جي اڳواڻن جماعت اسلامي جي امير غلام مصطفي ميراڻي ايس يو پي جي اڳواڻ ظريت ساگر بجاراڻي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي صدر اڪرم ٻاجڪاڻي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سجاد بروهي شهري ايڪشن ڪاميٽي جي غلام رسول ملڪ ۽ ٻين چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ۽ ضلعي ڪشمور جي انتظاميا ۽ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن کي شهرين پاران بار بار

سکر ويجهو جتوئي برادري جي پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو ٻيو زخمي

باگڙجي ٻيلي جي ڳوٺ نياڻو جتوئي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ رسول بخش ڪانڌاڻي جتوئي مارجي ويو

اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي سرڪاري اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو

واقعي بعد حملي ڪندڙ نامعلوم هٿياربند گهر مان مينهون ۽ پاڻ سان گڏ ڪاهي فرار ٿي ويا: ذريعا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي باگڙجي ٿاڻي جي حد جي حدن ۾ واقع ڳوٺ نياڻو جتوئي باگڙجي ٻيلي ۾ پراڻي ڪارهن دشمني جي نتيجي ۾ فائرنگ جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص مارجي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو ان سلسلي ۾ عطرائي جتوئي ۽ ڪانڌاڻي جتوئي برادرين وچ ۾ پراڻي دشمني تڪرار بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: وڏندڙ خودڪشين جي حوالي سان ٿيل سيمينار ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

مٺياري لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن شخص فوت

قومي شاهراهه تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ جانو ماڇي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ويو

مٽياري (ڊ ر) قومي شاهراهه تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ وات ويندڙ پيرسن شخص فوت مٽياري ويجهو سيڪاٽ ٿاڻي جي حد مقيم شاهه لڳ قومي شاهراهه تي نامعلوم تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ وات ويندڙ اڌڙوٽ شخص سخت زخمي ٿي پيو اطلاع تي ريسڪيو ٽيم پهچي زخمي پيرسن شخص کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو جتي پيرسن شخص زخمن جا سور نه سهندي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽاڏوبولاخان ويجهو بوهه سان ڀريل مزدا ڪاڻي ٿيڻ سبب 3 ٻورهيت زخمي، اسپتال داخل

ٽاڏوبولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان لڳ ڳوٺ سيندلاڻي ويجهو ٽاڏو عارب روڊ تي ٻهه سان ڀريل مزدا جو اسٽرنگ لاڪ ٿيڻ سبب گولاٽي ڪائيندي ڪلٽي ٿي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ ايس يو پي جي سڏ تي تيل اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

رات انڌيري ۾ پيٽروليم مصنوعات جا اگهه وڌائڻ وارو فيصلو عوام دشمن آهي:مظاهرين

پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ ٿيل واڌ تي فوري نظرثاني ڪري، اگهه گهٽ ڪيا وڃن

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ واڌ خلاف اڄ ڪيٽن ڏينهن ۾ گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع ڪشمور جي صدر ظريت ساگر بجاراڻي، نائب صدر غلام علي سبزوئي، سياف صدر اصغر شيخ، ٽائون ڪنڊڪوٽ صدر فتح محمد سبزوئي، نائب صدر سيد بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

انڪروچمينٽ بدين جي سونهن اجاڙي ڇڏي آهي: رسول بخش چانڊيو

بدين (ڊ ر) انڪروچمينٽ بدين جي سونهن اجاڙي ڇڏي آهي ان جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻي رهيا آهيون بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ پيٽرول جي واڌ خلاف جسم ۽ شڪارپور بچايو تحريڪ پاران ريليون

مظاهرين عمران منگي، مولانا مسعود قادري ۽ زاهد پنيري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

حڪومت طرفان پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ عوام تي معاشي ظلم جي برابر آهي: مظاهرين

فوري طور تي پيٽروليم مصنوعات جون وڌايل قيمتون واپس وٺي 22 ڪروڙ عوام کي عذاب مان نجات ڏياري وڃي

شڪارپور (ڊ ر) گذريل ڏينهن شڪارپور ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف جيئي سنڌ محاذ شڪارپور طرفان ميراڻي پارڪ کان لکي در تائين مرڪزي اڳواڻ عمران منگي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي هوڏانهن شڪارپور بچايو تحريڪ جي سڏ تي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف ڪارڪنن پاران مهانگائي خلاف احتجاج

ڪارڪنن گوهر خان ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳ احتجاج ڪيو

حڪومت ضروري شين جون قيمتون گهٽائي، ٽيڪس ختم ڪري عوام کي رليف فراهم ڪري

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سکر جي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن ۽ شهرين سکر پريس ڪلب جي سامهون پرامن احتجاج ڪيو مظاهرين مهانگائي، بيروزگاري ۽ حڪمرانن جي مبينا ڪرپشن خلاف نعريبازي ڪندي پنهنجي ڪاوڙ ۽ غصي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ جسم پاران هٿرادو مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي ريلي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ خاڪي شاهه پل کان چڪي چوڪ تائين مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي خاڪي شاهه پل کان چڪي چوڪ تائين جيئي سنڌ قومي محاذ شهيد بشير خان قريشي گروپ جي ڪارڪنن هٿرادو مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ آءِ بي اي چاليهه پلس پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن سيد دانش شاهه عبدالسليم گهانگهرو آصف علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ريٽنگ ۾ ويٺل آءِ بي اي بي ايس ٽي، ميل فيميل اميدوارن کي آفر آرڊر ڏئي ڀيڄڻي ڊر ڪئي وڃي

ڪنڊيارو (ن ع) آءِ بي اي چاليهه پلس پاس ريٽنگ پي ايس ٽي، جي ايس ٽي اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ سيد دانش شاهه عبدالسليم گهانگهرو آصف علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙ نوجوانن جو چوڻ هيو ته چار سال ريٽنگ ۾ هجڻ سبب اوورايج ٿيڻ ڪري اسان جو تعليمي مستقبل خطري ۾ آهي هنن چيو ته ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڪنڊيارو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن ٻي طرف شهر بند هڙتال جو ڏيک

ڪنڊڪوٽ ڪشمور ۾ ڪيميڪل مليل ڪير وڪري خلاف شهرين ۽ مختلف تنظيمن جو احتجاج

ايس يو پي، ايس ٽي پي، جسقم، جي يو آءِ، شهرين ۽ ٻين تنظيمن پاران ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

ٻهراڙي وارن علائقن توڙي شهرن ۾ دڪان ۽ هوٽلن تي زهريلو کير جو وڪرو استعمال وڌي رهيو، بيماريون ڦهلجڻ پيون:مظاهرين

سنڌ حڪومت ۽ فوڊ اٿارٽي فوري طور تي ايڪشن کڻي ڪيميڪل واري کير جي وڪري کي بند ڪرائين

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ڪشمور ضلعي جي ڪنڊڪوٽ تنگواڻي ڪرمپور غوثپور بخشاپور رسالدار بداڻي ۽ ٻين ننڍن ۽ وڏن شهرن ۾ کليل عام واهپي جي ٿيندڙ ڪيميڪل مليل کير (زهر) ۽ انتظاميه جي خاموشي خلاف شهرين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران پريس ڪلب اڳيان بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ جيئي سنڌ محاذ جو تيل اگهه وڌڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران تيل جا اگهه وڌڻ خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي باغي غلام رسول رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي حڪومت تيل جا اگهه گهٽ ڪري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

خيرپور مان مبينا اغوا ٿيل ٻن نارين جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين حضور بخش، اياز علي، غلام فاطمه منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

9 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل عليزه ۽ انصيٰ منگي کي پوليس بازياب نه ڪري، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽاليپر ڪالوني مان 9 ڏينهن اڳ پراسرار نموني اغوا ٿي ويل ٻن نارين جي بازيابي لاءِ وارثن پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري نارين کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽاليپر ڪالوني مان 9 بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

بدين پوليس جون ڪارروائيون، منشيات هٿ، 17 جوابدار گرفتار

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي حڪم تي بدين ضلع ۾ منشيات فروشن خلاف وڏو آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ هٿائي شريف جي موري لڳ بدنام آئس ڊيلر صديق دل بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: شيخ پرڪيو روڊ تي روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ موجود آهن

نصيرآباد: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

چيلهار ۾ پيٽرول ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاج

ايس ٽي پي سميت سياسي، سماجي اڳواڻ احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

پيٽرول ۽ ڊيزل جا ايترا ته اگهه وڌايا آهن جو ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون آهن:مظاهرين

چيلهار (ن ع) چيلهار ۾ پيٽرول ڊيزل گيس ۽ ٻيون روزمره جون استعمال ٿيندڙ شيون مهانگيون ٿيڻ خلاف ايس ٽي پي ۽ چيلهار جي سياسي سماجي اڳواڻن جي احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو، خبر موجب اڄ چيلهار جي مين چوڪ کان مشتاق قاسماڻي شنڪرباغي رجب رحمي ۽ ٻين جي اڳواڻي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس پاران مختلف ڏوهن ۾ گهربل ست جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي قتل، ڌاڙن، چورين ۽ منشيات وڪرو ڪندڙ ڏوهارين کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدارن وٽان چوري ڪيل لوهه، شراب، چوري جون موٽرسائيڪلون ۽ منشيات پڻ هٿ ڪئي آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائيون ڪندي قتل، ڌاڙن چورين ۽ منشيات فروشي جهڙن سنگين نوعيت جي ڏوهن ۾ ملوث 7 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ لياقت علي جتوئي جو پ پ جي نمائندن تي ڪرپشن ۽ ناانصافي جا الزام

حڪمرانن جا قرض ۽ آمدني جا ذريعا شفاف ناهن، عوامي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندس: لياقت جتوئي

حڪمرانن جي ظلم زيادتي خلاف اوهان جي نوجوانن کي ٽڪرائو ڏيڻو پوندو، عوام تيار رهي

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) پ پ وارن راڌڻ ميهڙ دادو سميت سڄي سنڌ سميت هر شئي تباهه برباد ڪري ڇڏي آهي ايتري ڪرپشن ڪئي آهي جو انهن جا پيٽ نٿا ڀرجن مان اقتدار ۾ اچي انهن کان اهي لٽيل پيسا وصول ڪندس ۽ اوهان کي جيل ۾ وجهندس پيٽرول جون قيمتون وڌائي حڪمرانن 18 ارب ڪمايا آهن لياقت جتوئي جي ڊي اي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ تيل جي مصنوعات اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڏوڪري (ن ع) وفاقي حڪومت طرفان پيٽرول جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پاران ڪامريڊ امداد قاضي، عاجز ماڇي، صابر زهراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

چيلهار: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوڄام ۾ سنڌ سڀا ۽ جسقم جو قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاج

بجراڻي لغاري جي رهواسين سان پوليس زيادتيون ڪري رهي آهي: مظاهرين

بيگناهه ماڻهن کي گرفتار ڪري مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو سنڌ سڀاءِ ۽ جسقم اڳواڻن پاران احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ مورو پرسان ڳوٺ بجراڻي لغاري جي رهواسين ۽ قومي ڪارڪنن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج دوران اڳواڻن شبير سنڌي، احمد شيخ ۽ ٻين چيو ته بجراڻي لغاري جي رهواسين سان پوليس زيادتيون ڪري رهي آهي ۽ بيگناهه ماڻهن کي گرفتار ڪري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني رڪجي نه سگهي، وڏيڪ هڪ موٽر سائيڪل ڦر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ لڳ مين انڊس هاءِ وي روڊ جڳسينهن موڙ وٽ نامعلوم 3 هٿياربند ڦورن ڦلجي اسٽيشن جي رهواسي نجي ٽي وي جي ڪيميرا مين زوهيب علي هنگورو کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سي ڊي موٽر سائيڪل 2025 ماڊل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: ڳوناٽا لاش رکي ڌرڻو هڻي رهيا آهن

ڏگهڙي پرسان بجلي تارن مان گهر کي باهه، الهه تلهه رک

ڳوٺ ڪندو پنهور ۾ صالح پنهور جي گهر کي باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب گهر اندر پيل سمورو سامان سڙي خاڪ

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان ڳوٺ ڪندو پنهور ۾ باهه لڳڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي بجلي جي تارن مان اوچتو باهه ڀڙڪي اٿي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي گهر کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. تفصيل موجب ڏگهڙي پرسان ڳوٺ ڪندو پنهور ۾ رهندڙ صالح پنهور جي گهر ۾ اوچتو بجلي جي تارن مان چڻنگ نڪرڻ سبب باهه لڳي جيڪا تيزي سان پکڙجي وئي. باهه سبب بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو جوابدارن نوجوان جو ڏاٽي سان ڳلو ڪپي مرڊنگ ڪري ڇڏيو

ڳوٺ خان محمد ڦلپوٽو ۾ برادري جوابدارن نوجوان بلاول ڦلپوٽو کي زخمي ڪيو

زخمي نوجوان کي وارث ڳنڀير حالت ۾ ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ڪنڊوسٽي ٿاڻي جي حد ڳوٺ خان محمد ڦلپوٽو ۾ برادري جوابدارن پاران نوجوان بلاول ڦلپوٽو کي ڏاٽي سان ڳلي ڪٽي مرڊنگ ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ڳنڀير جوکي حالت سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

ٽنڊومحمدخان ۾ عوامي تحريڪ جو پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج

مظاهرين پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

فوري طور پيٽرول 200 روپيه ليٽر ۽ ڊيزل 250 روپيه مقرر ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، ايران مٿان آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت، دهشتگردي خلاف احتجاجي ريلي، پيادل مارچ، مظاهرو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف ڪارڪنن شهر جي الفتاح چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي احتجاج کي خطاب ڪري رهيو آهي

مورو ويجهو نوجوان جو لاش کوهه مان هٿ، گهر ۾ ڪهرام

بسم الله ٽائون وٽ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

سجاڳب سهيل ولد مجيد سولنگي طور ٿيڻ تي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

مورو (ن ع) ويجهو قومي شاهراهه بسم الله ٽائون وٽان کوهه مان هڪ نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي جنهن کي مورو پوليس ڪرين ذريعي ٻاهر ڪڍيو آهي جنهن کي مورو تعلقه اسپتال آندو ويو جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد مرده خاني ۾ رکيو ويو جنهن جي سڃاڻپ مورو امام بارگاهه وٽ رهندڙ نوجوان سهيل ولد مجيد سولنگي طور تي ڪئي وئي آهي لاش وارثن حوالي ڪيو ويو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ اگهه خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاج

مظاهرين رضا محمد ڪيريو، غلام علي رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيڪڏهن حڪومت تيل جو اگهه نه گهٽايو ته مرحليوار تحريڪ هلائي ويندي

سڪرنڊ (ن ع) جميعت علماءِ اسلام، ڪيلا يونين ۽ جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران ملڪ ۾ وڌندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ اگهه خلاف قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جتي رضا محمد ڪيريو، غلام علي رند، حافظ عبدالقيوم چنه، عبدالرشيد پرهياڙ، لالا قدير، مشتاق ماڇوڪو ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته حڪمرانن پاران تيل جا بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پٿورو ۾ تيل اگهن ۾ واڌ خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاج

ايس يو پي، پي ٽي آءِ ۽ جي ڊي اي اڳواڻن ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

پٿورو (ن ع) تعلقي پٿورو جي شهر غلام نبي شاهه ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ خلاف ايس يو پي، پي ٽي آءِ ۽ جي ڊي اي اڳواڻن پاران الله چوڪ کان باب شاهه مردان شاهه تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن امام علي سمون شمس سمون مالڪ هاليپوٽو دولت ڪولهي، ايس يو پي اڳواڻن مهر علي سمون فيض سنڌي ڪنيز ڏونگر ميگهواڙ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف جيئي سنڌ محاذ پاران احتجاج

ڪارڪنن پروين زاهد چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) جيئي سنڌ محاذ ضلعي سانگهڙ پاران وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ تازي واڌ خلاف پرويز چانڊيو ۽ زاهد چانڊيو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ٽنڊوآدم آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي جن حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي هنن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ صحافي قاضي جاويد سنائي تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين نياز لاشاري، غلام نبي ملاح، عبدالله مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

قاضي جاويد سنائي تي حملي جي جوابدارن جي سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪرڻ رکيو وڃي

سڪرنڊ (ن ع) سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي مٿان ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل حملي بعد گرفتار جوابدارن جي سهولتڪارن پاران ڪيس حراسان ڪرڻ خلاف سڪرنڊ پريس ڪلب ۽ شهري اتحاد سڪرنڊ جو گڏيل اجلاس صدر غلام حيدر سولنگي جي صدارت هيٺ سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ ٿي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڳوٺي ياسين ۾ بدامنيءَ تي ضابطو نه اچي سگهيو چور دڪان ٽوڙي رقم ڀاري ويا

چور عنايت الله ديناري جي دڪان جي ڇت ٽوڙي ساڍا 8 لک روپيا روڪ رقم ۽ سامان کڻي ويا

متاثر پاران آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي ۽ ٻين وسوارن کان چوري واپسي جو مطالبو

ڳوٺي ياسين (ن ع) ڳوٺي ياسين شهر ۾ بدامنيءَ تي ضابطو نه اچي سگهيو رات دير سان نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڳوٺي ياسين وچ شهر مان عنايت ديناري جي دڪان جي ڇت ٽوڙي ساڍا 8 لک روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا ان موقعي دڪاندار عنايت بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي رائس مل ۾ پورهيت ٻوريون مٿان ڪرڻ سبب ڊبجي فوت

ساحل سلڪي مل ۾ 25 ورهين جي عامر سومرو مٿان اناج جون ٻوريون ڪري پيون

نوجوان کي ڪيڊي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد سنڌ سمال انڊسٽري ۾ قائم ساحل سلڪي رائيس مل ۾ صفدر ڪالوني واسي 25 ورهين جي پورهيت نوجوان عامر سومرو مٿان اناج جون ٻوريون ڪري پيون جنهن جي نتيجي ۾ پورهيت نوجوان ڊبجي سخت زخمي ٿي پيو جنهن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن پاران تيل مهانگو ٿيڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

ڪارڪنن عمر ابڙو، لطيف پهنور، شهمير خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو

حڪمرانن تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪري عوام سان تاريخي ظلم ۽ معاشي قتل ڪيو آهي: اڳواڻ

نااهل حڪمرانن کي هٽائي تيل جون قيمتون گهٽايون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

مانجهند (رپورٽ: سرمد عمراڻي) مانجهند ۾ تيل مهانگو ٿيڻ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جي ريلي انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلاڪ ڌرڻو ٽريفڪ معطل تفصيل موجب مانجهند ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقه بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

باڍهه: تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرياسٽي پرسان شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو، هڪ زخمي

ڳوٺ ميندرو شر ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ سڪيو شر ٿلڙي تي مارجي ويو، آڪاش زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

وارثن لاش کڻائي روڊ تي رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هنيو، ڌرين ۾ خونريزي جو انديشو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان پراڻي تڪرار تان شر برادري ۾ جهيڙو ۾ هڪ ڄڻو قتل فائرنگ سبب ٻيو ڄڻو زخمي وارثن جو لاش رکي لاڪاروڙ پوليس خلاف احتجاج انصاف جي گهر لاڪاروڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پٿورو ۾ 30 سالن جي عورت ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

پٿورو (ن ع) تعلقي پٿورو ۾ خودڪشين جو سلسلو نه رڪجي سگهيو پٿورو لڳ صوفي فقير ڳوٺ جتو پلي جي رهواسڻ عورت 30 سالا والي زال چيتن ڪولهي ڌي رامچند ڪولهي پنهنجي گهر اندر مبينا طور ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو خودڪشي جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو

پٿورو: مبينا طور آپگهات ڪندڙ عورت جو لاش تنگيل آهي

سکر: پي ٽي آءِ پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نصرپور لڳ گهر کي باهه، سامان سڙي رک، 6 ٻڪريون مري ويون

ڳوٺ موج خان ميئو ۾ اوچتو نور شاهه جي گهر کي باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب هڪ لک روپيا روڪ، گهر جو سامان ۽ 6 ٻڪريون سڙي خاڪ

نصرپور (ن ع) نصرپور جي لڳ ڳوٺ موج خان ميئو ۾ رهندڙ نورشاهه ولد ابراهيم شاهه جي گهر کي اڄ صبح بوقت 9بجي اچانڪ باهه لڳي وئي باهه لڳڻ جي ڪري هڪ لک روپيا ڪيش، 6ٻڪريون ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ پي ٽي آءِ پاران مهانگائي ۽ عمران خان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن غلام مرتضيٰ ڏيپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

حڪمرانن پيٽرول ڊيزل جا اگهه وڌائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: مظاهرين

مورو (ن ع) مورو ۾ پي ٽي آءِ سنڌ پاران مهانگائي خلاف ۽ عمران خان جي آزادي لاءِ پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي نائب صدر غلام مرتضيٰ ڏيپر جي اڳواڻي ۾ مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان لڳ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، پنج ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو روڊ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر دوران ڪار کاهي ۾ ڪري ڪلٽي ٿي پئي، حادثي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ عورت روپي ڪولهي، سومار ڪولهي، پنهون ڪولهي، هڪ معصوم ٻارڙي ۽ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان بجلي جي 6 ٿنڀن مان 11 هزار وولٽيج جون تارون چوري

تارون چوري ٿيڻ سبب 20 کان وڌيڪ ڳوٺ بجلي کان محروم، پاڻي فراهمي بند

پوليس ۽ واپڊا جي نااهلي جي ڪري تارون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويون آهن:ڳوٺاڻا

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان 6 ٿنڀن تان 11 هزار وولٽيج بجلي جون تارون چوري، 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي معطل رهواسي پاڻي ڊڪ لاءِ پريشان خبر موجب ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو لڳ گذريل رات دير بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل اگهن ۾ واڌ خلاف واپاري ايسوسي ايشن جي سڏ تي شٽربند هڙتال

واپارين جي سڏ تي شهر جا ڪاروباري مرڪز ڪلاٿ مارڪيٽ، حيدري چوڪ، شاهي بازار سميت ٻين علائقن ۾ ڪاروبار بند رهيو

جن ملڪن ۾ جنگون هلن پيون اتي تيل جا اگهه گهٽ آهن، ملڪ کي ڪوڪلو ڪرڻ دوران غريب عوام کي تباهه ڪرڻ لاءِ پيٽرول بم هنيو ويو آهي

حڪومت کي گهرجي ته فوري طور تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي آڻي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو:مظاهرين

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ خلاف واپاري ايسوسي ايشن جي سڏ تي مڪمل شٽربند هڙتال، ڪاروباري مرڪز بند، واپارين احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽاڏوبولاخان: روڊ ڪناري ڪلٽي ٿيل مزدا ٽرڪ پيل آهي

مسوبرگڙي ۾ تيل اگهن ۾ واڌ خلاف لوڪل ٽرانسپورٽرن جو احتجاج

ٽرانسپورٽرن سوزوڪيون بيهاري مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

تيل اگهن ۾ واڌ سبب لوڪل گاڏين وارن کي ڪافي نقصان پهتو آهي:مظاهرين

مسوبرگڙي (ن ع) تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ مناسب ڪرايو نه ملڻ خلاف مسوبرگڙي ۽ مٽياري جي لوڪل ٽرانسپورٽ وارن جو چلگري موڙ وٽ سوزوڪيون بيهاري احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي ڊرائيورن خالد پڃارو سيد وسيم شاهه فتح محمد چلگري، شهباز چلگري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت پاران ڊيزل پيٽرول ۽ سي اين جي اگهن ۾ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: عوامي تحريڪ پاران اسرائيل ۽ امريڪا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور بار پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور: وفاقي حڪومت طرفان پيٽرول جي قيمتن ۾ ڪيل ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي سنڌ بار ڪائونسل بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ 40 پلس مارڪون کڻندڙ اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن اياز مگسي، ضياءُ الرحمان ڦلپوٽو، عطا الرحمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مسلسل 4 سالن کان احتجاج ڪرڻ باوجود آفر آرڊر نٿا ڏنا وڃن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (ڊ ر) آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ 40 پلس مارڪون کڻندڙ اميدوارن جي احتجاج جو سلسلو جاري، آفر آرڊر ڏيڻ جو مطالبو آءِ بي اي جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ پرائمري ۽ جونيئر اسڪول ٽيچر جي ٽيسٽ ۾ 40 مارڪون کڻندڙ اميدوارن پاران نوڪرين جا آفر آرڊر نه ملڻ خلاف اياز مگسي، ضياءُ الرحمان ڦلپوٽو عطا الرحمان شيخ، گلاب خان مري، امجد علي ٿيبو ۽ ٻين جي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جيڪو سنگين وارداتن جي ڪيسن ۾ پوليس کي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ خودڪشين جي روڪ ٿام ۽ سجاڳي لاءِ پروگرام منعقد

خودڪشين جا مختلف سبب آهن جنهن ۾ عدم برداشت هڪ وڏو ڪارڻ آهي:قاسم سراج سومرو

خودڪشيون 70 سيڪڙو ڪولهي برادري ۾ ٿين پيون، انهن ۾ به 70 سيڪڙو تعداد عورتن جو آهي:پورچي ڪولهي

نفسياتي صحت ۽ خودڪشين جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، اسان کي خودڪشيون روڪڻ لاءِ نفسياتي ماهرن جو خدمتون حاصل ڪرڻ گهرجن:ڊاڪٽر زهراه شاهه

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.